پرماتما پاسي....



پرم پوجيه سنت شري آشارام صا

پرماتما پاسي....

پرم سمرٿ پوڄيہ پاد

سنت شري آشارام صاحبن

جي پاون امرت واڻي

ڪاپيون : ٢٠٠٠] [ڇاپو : پهو

قيمت : 4_00

ڇپائيندڙ :

شري يوگ ويدانت سيوا سمتي

سابرمتي - احمدآباد - ٥

فون نمبر - 866310

ڇپيندڙ : پارس پرنٽنگ پريس

ڪالوپور، احمدآباد.

سنسار جي هر وستو ماضيءَ ڏانهن پئي رهي آهي ۽ توهان کين زمان حال ۾ پڪڙي وٺڻ ٿا چاهيو. اهو ئي جيون جي ڏک جو مول ڪارڻ آهي. توهان چيتن هوندي به سنسار جي جڙ وستن کي چنبڙڻ لاءِ تيار ڪونه آهيو. درشٽا هوندي به درشين ۾ الجهيا پيا آهيو، خود تماشائي ٿي تماشي ۾ ڦاٿا پيا آهيو.

جڏهن توهان چاهيو ٿا، ”مونکي فلاڻي وستو ملي يا وري جيڪا وستو مون وٽ آهي، اها مون وٽ بلڪل ائين جو ائين رهي ته مان سکي رهندس ۽ مون کي سک ملندو“ تڏهن توهان پنهنجي سوروپ پوس چيتن کي ڪٿي نه ڪٿي بڌي رکڻ ٿا چاهيو.

ساڌنا جي راهه تي، پنهنجي مول مقصد کي پائڻ لاءِ هڪ وڏي ۾ وڏي اڙچڻ آهي پنهنجو پاڻ کي سريـــر سمجهي ويهڻ. موهه نشا جي ان روڙي کي هٽائڻ ڪانسواءِ، موهه مايا کي پار ڪرڻ ڪانسواءِ ڪوبه ساڌڪ سڌ ٿي ڪونه سگهندو ۽ بنا ستگروءَ جي ساڌڪ لاءِ اها گرنٿي ڪٽڻ مشڪل آهي. ساڌڪ کي سندس منزل مقصود تي پهچڻ لاءِ ستگروءَ جو سانيڌيه هئڻ بلڪل لازمي آهي، تمام ضروري آهي.

ॐ

اعـــلان

پرم پوجنيہ سنت شري آشارام صاحب

هي ننڍڙو پستڪ تـوهانجي هٿن ۾ آهي. ننڍڙو ضرور آهي پر مذهبي گيان، ڄاڻ ۽ سمجهاڻي تمام گهڻي آهي- اڻ ميو، انمول خزانو هن ننڍڙي پستڪ ۾ ڀريو پيو آهي. هن پستڪ ۾ سمائل سهج ۽ سرل واڻي ور ور پڙهڻ سان گهريءَ ۽ اونهي سچائيءَ ڏانهن جي ياترا سرل ۽ سولي ٿيندي ويندي.

ساڌڪ لاءِ گهڻو لکڻ، گهڻو پڙهـڻ ۽ گهڻن لفظن جو چنتن ڪرڻ ٺيڪ ڪونهي، مولڪ سچائيءَ کـي بار بار ويچارڻ وارو ساڌڪ ٿوري ئي سنت - ساهتيہ سان وويڪ ويراڳ وارو ٿي پرم آنند جي پراپتي وڏي سولائيءَ سان ڪري سگهي ٿو.

هن پستڪ ۾ ساڌڪ لاءِ اهو خزانو آهي جنهن کي حاصل ڪري هو پرم وديوان ۽ بيفڪر ٿي سگهي ٿو. هن پويتر گرنٿ کي رکو هڪ وار پڙهي رکي نہ ڇڏجو ور ور هن کي پڙهجو ۽ چنتن ڪجو. اهو ساڌڪ لاءِ لازمي آهي.

توهانجو جلد ۾ جلد پرڀو مک جيون بڻجي.

توهانجو پنهنجو پاڻ

آشارام - ॐ

آخريـــن سفر

پرم پوجيہ سنت شري آشارام صاحب

مارچ ١٩٨٢ ڇيٽي چنڊ جو پوتر پرو. موٽيرا آشرم ۾ ڌيان - يوگ شبر هلي رهي آهي. پرڀات ويلي اٽڪل ٧٠٠ سادڪ ڀائر ۽ ڀينرون پرم پوجيہ سنت شري آشارام صاحب جن جي مڌر ۽ پاون سانِنڌيہ ۾ ڌيان ڪري رهيا آهن. سوامي جن ڪين ڌيان ذريعي جيون ۽ مرتيو جي گهرن پرتن ۾ پيا لاهين ۽ جيون جي گپت رهسين جو انڀو پيا ڪرائين. سادڪ ڌيان ۾ مگن پوجيہ شري جي ڌير ۽ گنڀير مڌر واڻيءَ جي واهہ وسي پنهنجو پاڻ ۾ پيهندا ٿا وڃن. مست ٿي مڌر واڻيءَ جي سهاري پنهنجو پاڻ ۾ اونها ۽ اونها غوطا پيا لڳائين. هر سادڪ مست مگن آهي. ڌيان مگن آهي ۽ پرم پوجيہ شري فرمائي رهيا آهن:

اڄ تائين تو اڪيچار جنمن ۾ ڪٽنب ۽ پريوار سجايا سنواريا پر موت جي هڪ ئي جهٽڪي سان اهي سڀ توکان ڇڏائجي ويا. تنهنڪري تون هيئنر کان ئي من مان پنهنجي ڪٽنب ۽ پريوار جو موهہ ڪڍي ڇڏو ڪر. جي هن شرير جي عزت ۽ آبروءَ جي درڪار اٿيئي،

ويدانت شاستر اِهو نٿو چوي ته ”پنهنجو پاڻ کي سڃاڻو“ پنهنجو پاڻ کي سڀ ڄاڻندا آهن. ڪو پاڻ کي غريب سمجهي شاهوڪار ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ڪو پاڻ کي روڳي سمجهي نروڳي ٿيڻ جي چاهنا رکندو آهي. ڪو پاڻ کي ٻندرو سمجهي لڀو ٿيڻ لاءِ ڪسرت ڪندو آهي ته ڪو پاڻ کي ڪارو سمجهي سهڻو ٿيڻ لاءِ ڪيترائي نسخا آزمائيندو آهي.

نه، ويدانت اهو نٿو چوي. هو ته چوي ٿو، ”پنهنجو پاڻ کي برهم ڄاڻو“ جيون ۾ آنند جو مول ساماني، اگيان نه ٻالڪ پنهنجي آتما جي برهمتو جو اگيان آهي. ديه ۽ سنساري وهنوار جي گيان - اگيان سان خاص ڪو نفعو نقصان ڪونهي پر پنهنجي برهمتو جي گيان سان پرم لاڀ آهي ۽ اگيان ڪري تمام گهڻو نقصان آهي.

فهرست

يا وري اخبار ٿيو ۽ تو راهه رباني ورتي... تون مري وئين.

تون لکندي لکندي هڪ ڀڪوٽي وئين. ٿي ويو هارٽ فيل... سڀ سماپت ٿي ويو... تون مري وئين.

تون امر- ديو جي آراڌنا پيو ڪرين، تو جا ۾ مست آهين. اگر اتيءَ سان آراڌنا جو واس ڌوپ پيو ڪرين... واس ڏيندي ڏيندي سڀهي ڀڳين. آواز ڏنءِ پنهنجن ٻارن کي، ڪٽنبين کي، ڏال کي، ٻارن کي، ماءُ پيءُ کي، ڀائرن ۽ ڀيڻن کي، سڀ آيا. سڀني پڇيو، "ڇا ٿيو... ڇا ٿيو؟" پر افسوس چند گهڙين ۾ سڀ ڇولو ڇڏيو... ڀڪي هليو پرديس، تون مري وئين.

راهه هلندي ڪو حادثو ٿيو ۽ تون مري وئين. ڀڪ ٿي ڀڪ ڪو ٻهانو ڀٽيو تنهنجي موت جو. توکي سڀ ڪ ٿي ڪانه پوندي، توکي سڌ ٿي نه رهندي ته ڇا ٿي ويو. تنهنڪري اوڏانهن هلڻ کان ٻهريائين هڪ ڀيرو هلي ڏس. مرڻ کان اڳ هڪ ڀيرو مري ڏس.

سڀڪم ارادو ڪر، هيءَ تنهنجي وشال ڪايا جنهن کي تون "مان" سمجهي ويٺو آهين، جنهنکي تو "مان" سمجهي سنڀالي رکيو آهي، انهيءَ ڪايا مان تنهنجو موهه توکي ٽوڙڻو آهي. سادنا جي انتم چوٽيءَ تي پهچڻ لاءِ اهو ضروري آهي. هن ديهه جي موهه ۽ ممتا کان پار پوڻ تو لاءِ لازمي آهي. اها انتم اڙچڻ توکي هٽائڻي آهي، اهو رستي جو آخرين روڙو توکي

هن بدن جي مان ۽ مربي جي تمنا اٿئي، ته اهو
تنهنجي ادياتمڪ رستي جو وڏي ۾ وڏو روڙو آهي،
وڏي ۾ وڏي رستي جي رڪاوٽ آهي.

ڦٽي ڪر هن هڏن ۽ ماس جي اوٽي جي موهه ۽
ممتا کي ۽ ٿي وڃ هڪ معصوم، ابهم ٻالڪ جيان. هن
بدن کي گھڻوئي سنڀاليئه، گھڻا ڀيرا تو ڪيس سنان
ڪرايا، ڪاڏو ڪارايو، سجايو، سنواريو، گھمايو، ۽ ڦيرايو
پر... پر... هر دفعي... هر ڀيري... هر وقت... هن
شرير فرياد ئي ڪئي. هميشه شڪايت ڪندو رهيو.
ڪڏهن بک ته ڪڏهن اُڃ. ڪڏهن گرمي ته، ڪڏهن
سردي، ڪڏهن بيماري ته ڪڏهن بيزاري، ڪڏهن
مٿي جو سور ته ڪڏهن هڏن ۾ درد. شرير جي غلامي
گھڻي ڪري چڪين. هينئر سڀ ڇڏ ۽ من ئي من ۾
ڪر شرير جي ياترا. شرير کي ڪيستائين "مان" مڃيندو
رهندين بابا.....!

پڪي ارادي سان من ۾ اهو محسوس ڪر، تنهنجو
شرير درياهه جي ڪناري تي گھمي رهيو آهي، اُتي
هڪ رڪيل ٻيڙيءَ تي ويٺو آهي. درياهه جي لهندڙ ۽
چڙهندڙ لهرن جي سندر نظاري کي نهاري پيو...
اچي ويو هڪ جهٽڪو... لڙڪي پيو تنهنجو ڪنڌ هڪ
طرف ۽ تو ساهه ڇڏيو... تون مري وئين.

گھر واٺي واٺي مٿي ۾ سور پيو، پيٽ ۾ ٻيڙا ٿي،

اڄ تائين گذريل اڪيچار جنمن ۾ تنهنجا ڪيئي
پتا ٿيا هوندا، ڪيئي ماتائون ٿيون هونديون، انيڪ
رشتن ۽ ناتن وارا رهيا هوندا، ان کان اڳ ٻـــ رهيا
هـــوندا، توکي تنهنجي ديهه سان جيتري آسڪتي
وڌيڪ رهي هوندي اوترو ئي مٽن مائٽن جو ٻوجهه تو
مٿان وڌيڪ پيو هوندو. ديهه سان لڳاءُ جيترو گهٽ
رهندو اوترو ئي تو تي ٻوجهه به گهٽ ٿيندو. تـــون
پنهنجو پاڻ کي هلڪو محسوس ڪندين. ان لاءِ سرير
جو موهه نٿو نه ٻاهر موهه ۽ ممتا کي طاقت ڪونهي جو
توکي ڦاسائي سگهي. اندر موهه نٿو نه ٻاهر ممتا تو لاءِ
هڪ راند ئي رهجي ويندي. تنهنجي جيون مان ٻوءِ
اهي گيت نڪرندا جيڪي جيون مڪت پرشن جي
جيون مـان نڪرندا آهن. جيون مڪت پرش سڀ ۾
هوندي به، سڀ ڪجهه ڪندي به سکي آهي. سکه
پـــروڪ کائيندو آهي - پيئندو آهي - رهندو آهي -
گهمندو آهـي، آنند سان ايندو ۽ ويندو آهي، مرندو
به سک پوروڪ ئي آهي.

رڳو موهه ۽ ممتا هٽائڻي آهي. بس ديهاڌياس هٽيو
نه ممتا به هٽي ويندي. ديهه جي موه کي هٽائڻ لاءِ اڄ
شمشان يــاترا ڪر- تو رو جيئري ئي مـــري ڏس...
ٻ جڳان اصل نه...اڄ موت کـــي سڏ ڪر...آواز ڏي
هي ڪال! اڄ هن سرير تي لهي اچ.

هٽائڻو آهي. جيسين هن دل جي ممتا رهندي، تيسين تہ تنھنجا ڪيل ڪرم تو لاءِ ٻنڌڻ ٿيا رهندا، جيسين هن شرير ۾ تنھنجي آسڪتي رهندي، تنھنجا وڪار تنھنجي پٺ اڳل نہ ڇڏيندا. تون لک ڪوششون ڪر، ڪيترائي حيلا هلاءِ پر جيسين تنھنجو تنھنجي ديہ سان موهہ رهندو، تيسين تو ۾ پريوءَ جا گيت گونجي ڪ نہ سگھندا. جيسين تون پاڻ کي شرير سمجھي هلندين تيسين پرم ساڪياتڪار ٿيڻ جو سوال ئي ڪونہ اٿندو. تون پاڻ کي هڏن، ماس، چمڙي، رت، مل موتر ۽ وشٽا جو ٿيلھو سمجھندو رهندين تہ بدقسمتيءَ کان تنھنجو پنڌ ئي ڪونہ ڇٽندو. وڌي ۾ وڏو دريائڻ آهي ور ور جنم وٺڻ ۽ مرڻ. هزارين سھوليتن ۾ جنم وٺين يا سھسن سکن جي سامگرين جي وچ ۾. ڪھڙو تہ فرق پوي؟ ڪھڙو انتر تو پوي؟ ويچاري کي دک تہ ڀوڳڻو ئي پوندو.

سچي من سان مالڪ کي پرارٿنا ڪر، هي پريو، هي دنيا جا ساگر... تنھنجي در تي آيو آهيان... تو وٽ ڪا ڪمي ڪانهي... هي ڏاتار تون مونکي ٻل ڏي... مونکي همت ڏي، تنھنجي رستي تي وک کڻي قدم اڳتي وڌي. تنھنجي راهہ تي قدم رکيو اٿم تہ تو وٽ پهچي ئي رهندس. همت ڏي منهنجا محبوب! دنيا جي ممتا ٽوڙي تنھنجي دل توسان جوڙيان."

هيءَ آخرين ممتا آهي ديس جي، جنهنڪان ٻـار پــوڙهو آهي. جنهنکي پار ڪٽي ٻڌا ڪو ٻوگي سڌ نہ ٿي سگهندو. ڪو ساڏڪ سهي ساڏنا نہ ڪري سگهندو. ۽ نڪوئي وري سوهاڳڻ ڪي پراپت ڪري سگهندو. هيءَ آخرين اڙچڻ آهي، آخريـــن روڙو آهي - انهيءَ کي هٽاءِ.

تنهنجو شريـر ڪري پيو، لڙڪي پيو... ٿي ويٺي رام رام ست - تون مري وئين. ماڻهو ڪٺا ٿي ويا. ارٿي لاءِ لڪڙا گهرايا پيا وڃن، توکي سنان ڪرائـــڻ لاءِ ڪنيو پيو وڃي. شرير کي - ها تنهنجي نرجيو شرير کي اشنان ڪرائڻ لاءِ هڪ وڏي ٽب ۾ رکيو ويو. سنان نہ ڪرايو ويو - پر...؟

پر اهو چمتڪار ڪٿي...؟ اها روشني، اهو پرڪاش ڪٿي؟ اها چيتنا ڪٿي...؟ جنهن شرير ڪيترو ڪمايو، ڪيترو ڪاڏو، جنهنکي ڪيڏو نہ سجايو ويو، سنواريو ويـو، سينگاريو ويو، اهو شرير... ها بلڪل اهو شرير اڄ لاش ٿي سامهون پيو آهي. اهو فلاڻو سمت، اهـو فلاڻـو صاحب مڙدو ٿي مٽيءَ ۾ پيو آهي. هڪ ساهه ڪڍڻ بہ هن جي هٿ ۾ ڪونهي. مٽن ڪــي ڏنيواد ڏيڻ ان جي وس ۾ ڪونهي. ڪنهن سنت - مهاپرش کي هٿ جوڙڻ هن جي هٿ ۾ ڪانهي، ويچارو نرجيو، بي سهارو، بيوس صرف هڪ لاش. ها فقط هڪ لاش!

اهو ويچار ڪري موت تنهنجي هن سرير جو ٿي
رهيو آهي. تنهنجو بدن ٻلو ٿي ويو ۽ تو هن سنسار
مان چالاڻو ڪيو... تون مري وئين. تنهنجو لاش پيو
آهي، جنهنکي اڄ تائين فلاڻو فلاڻو چوندا هئا. تنهنجا
پراڻ پکيڙو اُڏامي ويا. هيئنر هو لوڪن جي نظرن ۾
هڪ لاش آهي. رڳو هڪ لاش! ويدن ۽ حڪيمن
پنهنجي حڪمت هلائي بس ڪئي. هنن حيلا هلائي
همت مٽي ڪيا. هو توکي جيئارڻ ۾ لاچار آهن. جنهن
بدن کي تون ايترو سچ ٿيندو سنواريندو هئين ۽
پاليندو پوسيندو هئين، ڪارائيندو - پياريندو هئين ۽
جنهنجي عزت ۽ آبروءَ جو تون ڪيڏو نه خيال ڪندو
هئين، اهو شرير... تنهنجو پيارو هڏن ۽ ماس جو بوتو
تنهنجو اهو بدن اڄ مٽو پيو آهي، اڄ نرجيو آهي-
تنهنجي سامهون، تو اڳيان، تون تنهنکي ڏسين پيو.
پيڙ ڪٿي ٿيندي پيٺي وڃي. ڪو سچ پچ روئي پيو
ته ڪنهنکي آهن ڏيکاو لاءِ اکين ۾ آنسون.

تو راهه رباني ڪئي- تون هليو وئين. لاش پيو
آهي. ماڻهو اچن پيا، مٽ مائٽ به اچن پيا، پاڙيسري به
اچي ويا آهن، يار- دوست، سنگي- ساٿي، برادري ۽
سنبهي سڀ آيا آهن يا اچن پيا. ٿيليڙون پيا ڪن،
ڏارون پيئون وڄن، ڇنيون پيئون لڳن، موت ٿي وڃڻ
تي جيڪي ڪجهه ٿيندو آهي سو سڀ ٿي رهيو آهي.

ڇڏيائون. وري ڪٺي ٽوڪي لڪڙن تي سمهاري،
ڇڏيائون. ڏس ڙي ڏس پنهنجي سرير جي حالت،
جنهن لاءِ تو وڏيون ڪمايون ڪيون، وديائون حاصل
ڪيون، انگنت هٿن ۾ لاچار رهيين، الائي ڪيتري
غلامي ڪئي، ڪيترن کي سمجهايو ۽ سنڀاليو، اهو
لاچار سرير پراڻ پکيئڙو نڪرڻ ڪانپوءِ پيو آهي پانس.
جي ٻن لڪڙن جي ڪانيءَ تي. جيئري ئي موت جو
نظارو ڏسي وٺ، مرڻ جو مرڻ کان اڳ انڀو ڪري وٺ.
تنهنجو هيءُ سرير هوائن ۾ ته مٽيءَ ئي پيو آهي. هن ۾
رکيو ئي ڇا آهي؟

ارٿيءَ تي رکيل سرير مٿان ڳاڙهو ڪپڙو (هلواڻ)
رکيو پيو وڃي، اڙڪندڙ ڪنڌ کي سنڀاليو پيو وڃي.
پيرن کي چڱي طرح نوڙي ٻڌي پيئي وڃي. ڪٺي
رسيءَ تي مڙدو ڪري نه پوي تنهن ڪري مٿي جي
آس پاس ۾ نوڙي گهمائي ٻڌي پيئي وڃي.
سڄو سرير لپيٽيو پيو وڃي نوڙيءَ سان. ڪائي ٻڌڻ
وارو چوي پيو: ”تون ايڏانهن ڇڪ مان هيڏانهن ٿو
ڇڪيان.“ ٻيو پيو چوي: ”مون هيڏانهن ڇڪيو آهي
تون ايڏانهن ڇڪي ڳنڍ ٻڌ.“

پر...پر اهي ڳنڍيون ۾ ڪيستائين؟ اهي نوڙيون
به ڪيستائين رهنديون؟ نوڙين سان ٻڌل ۾ ته ساڙڻ
لاءِ ئي وڃي رهيو آهي بابا!

اڄ هيءُ ٻه سهاري سريرُ وڇڙو هليو ڪوچ ڪري هن جهان مان. جنهنجي جيون ۾ ايترو لداءُ هئو، جنهن جي دماغ تي ايترو ٽينشن هئو، انهيءَ جيون جي هيءَ حالت؟ جنهن سرير لاءِ ايترا پاپ ڪيا ۽ ڏک ڏنا آهو سرير اڄ هن حالت ۾ پيو آهي. ذرا اندر جي اکين سان پنهنجي ديهه جو هيءُ حال ڏس. لاچار ٿي سهاري ٽڃيو پيو آهي. اڄ تائين جيڪو "مان-مان" پيو ڪري، پاڻ کي سياڻو پيو سمجهي، جيڪو هروقت پنهنجو پاڻ کي سهي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪري، پاڻ کي چالاڪ پيو سمجهي، ڏسي وٺ اُن چالاڪ ۽ سياڻي جي حالت. سڄي چالاڪي ۽ سياڻپ مٽيءَ ۾ ملي وئي. سڄو Known ٿي ويو unknown سڄو گيان، سموري ڄاڻ هڪ ئي جهٽڪي ۾ خلاص، سڀ رشتا ۽ ناتا ختم. سڄو تن ۽ سمورو پريوار ٿي ويو پرائو.

جنهن لاءِ تو راتيون وڃايون، جنهن لاءِ تو اڪيچار بار کنيا، اهي سڀ ٿي ويا ڌاريا... سڀ ٿي ويا ٻروا ٻاٻا... جن لاءِ تو ڏک ڏنا، جن لاءِ تو پيڙائون سٺيون، اهي سڀ هينئر تنهنجا ڪجهه ڪونه آهن. ڇي...ڇي... ڏس تون پنهنجي پياري سرير جي حالت...!!

متر توکي سنان ڪرائي رهيا آهن. بدن اگهيو نه اگهڻي جهڙو... ٽوال ڏهمايو نه گهمايو ۽ توکي ڪوڙا پهرائي

اڄ تون ڀريائين پاڻ کي موت کان نه بچاءِ! پاڻ کي جنم ۽ مرڻ جي چڪر کان نه بچاءِ! ڏسون تنهنجي رحمت، ڏسون تنهنجي ڪاريگري بابا!

توکي پتو پيو وڃي، تون ڪاٺيءَ سان هڪ ٿي ويو آهين. شمشان ياترا جي مڪمل تياري ٿي وئي، ڪي روئن پيا - ڪي روئڻ جو ڏيکاءُ، ڪي ڏکيا آهن ۽ ڪن وٽ آهي ڏکي هجڻ جو ڏيکاءُ. ڇهن ڄڻن توکي کنيو آهي، توکي گهر کان ٻاهر پيا ڪڍن، پٺيان پٺيان ٻيا به ڪيترائي ماڻهو اچن پيا. توسان مساڻن تائين گڏ هلڻ لاءِ.

ڪي دل سان آيا آهن، ڪي بي دليا. ڪي ڏيکاءَ لاءِ ته ڪي وري آيا آهن نڀائڻ لاءِ. سماج ۾ رهڻو آهي نه...؟ پنج ڏهه ماڻهو شيوا لاءِ آيا آهن. انهن کي خبر ڪونهي ته پٽ تنهنجي به اهائي حالت ٿيڻي آهي. پاڻ کي ڪيستائين سٺو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندين؟ پاڻ کي ڪيستائين سماج ۾ 'سيٽ' ڪندين؟ اڄ سيٽ ڪرڻو ئـــي اٿئي ته پاڻ کي پرماتما ۾ سيٽ ڇو نه ٿو ڪرين پاڳل...! ٻين جي سر ۾ وجهڻ جو ناٽڪ ٿو ڪرين! ائين نه ڪر. پوري ايمانداري ۽ سچائيءَ سان سر ۾ شامل ٿيءُ. پنهنجي من کي سمجهائيندو رهه، تنهنجو به اهوئي حال ٿيڻو آهي. تون به اهڙيءَ ريت چالاڻو ڪرڻ وارو آهين. اهڙي طرح جلڻ وارو آهين. اڄ او بي ايمان

ڌڪار آهي هن نشور جيون کي...... هن ناسونت دنيا کي......ڌڪار آهي هن سنسار جي موھ کي، اهم کي، کوکلي ۽ ڪوڙي ايمان کي......

ڪاٺيءَ کي ڇڪي ڇڏو پيو وڃي. اڄ تائين انهنجو نالو سيٺ صاحبن جي لسٽ ۾ هئو ۽ اڄ مڙدن جي لسٽ ۾ آهي. ماڻهو پيا چون "مڙدي کي جلدي ڇڏو" هينئر انهن کون چوندا، "سيٺ کي، صاحب کي، مئيب کي، نوڪر کي، ساڌ کي، ڀائي صاحب کي ڇڏو." پر چوندا، "مڙدي کي ڇڏو."

ٽي ويو تنهنجي سڄي عمر جي اڻلبڌين جو انت. ٽي ويٺي تنهنجي پا عمر جي ڪمائي ڪٿ. اڄ تائين جيڪو تو ڪمايو سو تنهنجو نه رهيو. اڄ تائين جيڪو تون سڪئين ۽ سمجهين سو ڪال جي هڪ ٽي جهٽڪي ۾ رهجي ويو هئي. توکي تنهنجي انڪم ٽيڪس جي ڪاغذن، پروموشن ۽ پينشن جي پيپرن، حاصلين وغيره کي سدائين لاءِ ڪرڻو پيو الوداع...

هاءِ ڙي هاءِ انسان تنهنجو ساهه! هاءِ ڙي هاءِ تنهنجي ڪلپنا! تنهنجي نشورتا ۽ تنهنجون واسنائون! اڄ تائين اڄاڻون پئي ڪيئه، هيترو پاتو آءُ ۽ هيترو پاڻڻو آءُ، هيترا دوست آءُ ۽ هيترن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻو آءُ، هيترن کي سڌاريو آءُ ۽ هيترن کي سڌارڻو آءُ. ڇا ٿيو؟

۾ رهي، منهنجو نوڪر وفادار هجي، دوست ۽ يارن ۾ پيارو بڻيو رهان... پر اهو سڀ ٿي وڃي تہ بہ آخر ڪيستائين؟ پروموشن ٿي وڃي... ٿي ويو. پوءِ ڇا؟ شادي ٿي وڃي... ٿي وئي. پوءِ ڇا؟ ٻار ڄمن... ڄمي ويا. پوءِ ڇا... نيٺ ڇا؟ آخر تون بہ تہ هن رهت ٿي ڪاٺيءَ ۾ ٻڌجي چئن ڪلهن تي کنيو ويندين" تنهنجي ديهہ جي حالت جيڪا سچ پچ ٿيڻي آهي سا ڏسي وٺ. انهيءَ سدائين سڀائيءَ کان اڳي ڪوہ ڪونہ سگهندو. تنهنجا دؤلت جا انبار تنهنجي سهائتا ڪري ڪونہ سگهندا.

تنهنجا هزارين همدرد توکي بچائي ڪونہ سگهندا. انهيءَ گهڙيءَ مان توکي گذرڻو آهي. ٻين سڀني گهڙائن کان تہ تون بچي بہ ويندين پر هن گهڙيءَ کان بچڻ وارو اڄ تائين هن ڌرتيءَ تي نہ آيو آهي ۽ نہ وري ايندو- نہ ٿيو آهي ۽ نہ وري ٿيندو. تنهنڪري هن لازمي ۽ اٽل مؤت کي هينئر ئي پنهنجي من جي اکين سان ڏسي وٺ بابا ڏسي وٺ!

ڇا ٿيو ٺاهي باغ بنگلا بہ اڏياسين،
اڄ نہ سڀاڻي، هتان نيٺ اڏياسين،
پوءِ ڇا ڏبو جواب پنهنجي انت ڪال ۾،
جو عمر هلي وئي سڄي خواب خيال ۾،
جي چاهين نيڪ مڻش ٿيان تہ نيڪ ڪار ڪر،

مَن! تون اُٿيءَ ۾ ۽ ايمانداري نٿو رکين. جلدي پيو ڪرين. گهڙي پيو ڏسين، آفيس وڃڻو آهي... دڪان کولڻو آهي... اڄ آخر مهاڻي ۾ ٿي نه وڃڻو آهي. اهو سمجهي ڇڏ. آفيس ۾ نه وڃ، دڪان نه ڀلي کول، سڱيما نه ڏس پر انت ۾ اڪيلو اٿي ٿي اٿئي، ٻاهر ڪيترو وٺندين، ايندين؟

اڙي اي پاڳل انسان! هي مايا جا کلونا! صدين کان مايا توکي نچائي رهي آهي. جي تون ايشور لاءِ نه نچين، ست سروپ برهم گيان لاءِ نه نچين ته پڪ جاڻ مايا توکي نچائيندي رهندي. پرڀوءَ پراپتيءَ لاءِ جي نه نچندين ته مايا توکي الائي ڪيترين ئي گهڙين گهڙين جوڙين ۾ نچائيندي ايندي. ڪڏهن باندر، ڪڏهن رڇ، ڪٿي گندرو ته ڪٿي ڪنر بڻجندين. ان کي تون پنهنجو شرير سمجهندين، ڪنهنکي ماءُ سمجهندين ته ڪنهنکي پنهنجو پيءُ، ڪنهنکي پٽ، ڪنهنکي پنهنجي ڌيءُ، ڪنهنکي چاچو، ڪنهنکي چاچي. انهن سڀني کي تون پنهنجو ڄاڻيندين. وري هڪ ئي جهٽڪو موت جو، سڀ ڇڏي ويندءِ، سڀ ڏاڍا ٿي ويندءِ، تون اهڙيءَ رات الائي گهڻن جڳن کان ڪندو پيو اچين، رشتا ناتا جوڙيندو پيو اچين، الائي گهڻي وقت کان؟ الائي گهڻن جنمن کان؟

منهنجي پٽ جي شادي ٿئي، نونهن منهنجي ڇٽي،

ڪنهن گهمنديءَ جا گل شرڌا سان رکيا، ڪن وري لاش تي گلن جون مالهائون پائيون. ڪو تو سان وڌيڪ نياڻي جي ڪوشش ٻيو ڪري ۽ تنهنجي لاش تي عطر ٻه ڇڙڪي. اسوري ٻه ٻيو ڪري پر ڪهڙو تو فرق پوي؟ عطر توکي ڪهڙي ڪم ايندو بابا...؟

لاش تي پٿر رکون يا سرون، مٿس سوني عمارت جوڙيون يا هيرا ۽ جواهر جڙيونس، گلن جا ڍير لڳايونس يا مٿس سونا زيور نڇاور ڪيونس. ان سان ڪهڙو تو فرق پوي؟

آرتي گهر کان ٻاهر اچي رهي آهي. ماڻهن ڪاٺيءَ کي چئني طرف گهيريو آهي. چار ڄڻا ڪاٺيءَ کي ڪلهن تي کڻي بيٺا آهن. چار ڪانڌي تنهنجي ڪاٺي ڪلهن تي رکي بيٺا آهن. هو هلن پيا. رام رام ست. هينئر تنهنجي ياترا ٿي رهي آهي. انهيءَ گهر کان تو الوداع ڪئي جنهن لاءِ تو اڪيچار پلان ٺاهيا. انهيءَ در کان تون هميشه هميشه لاءِ دور ٿي رهيو آهين بابا!

جنهن گهر جوڙڻ لاءِ تو الله جو در تياڳيو، جنهن گهر سان نڀائڻ لاءِ تو پنهنجي پيار، پنهنجي پياري محبوب پرم پتا پرميشور جو ترسڪار ڪيو انهيءَ گهر کان تون مڙدو ٿي هميشه هميشه لاءِ الوداع ٿو ڪرين.

گهر جون ديواريون ڪلنديون هجن يا روئنديون، تو لاءِ ڇاهي؟ توکي نه هلڻو ٿي پيو نه بابا...!

خلق خدا جيءَ سان ڀلائيءَ جا ڀير ڀر،
وٺ پال صلاح سهڻي سهڻو سبق اهو اٿئي،
مڃين نه مڃين يار مگر مڃڻ حق اٿئي.

تنهنجي نرجيو سرير کي ڪاٺيءَ تي ماڻهو کڻي ڀيا وڃن شمشان ڏانهن. ڪن جي اکين ۾ لڙڪ آهن پر لڙڪ وهائڻ واري کي ته انهن تي هاڻو آهي. لڙڪ وهائڻ سان ٿوريئي جان ڇٽندي. گوڙها ڳاڙڻ سان ٻه ٻڏي کين سگهبو؟ نه وري آنسون روڪڻ سان جان ٻچندي. لاش کي ڏسڻ سان يا ان کي ڇنبڙي پوڻ سان به ڪجهه ورڻو ڪونهي. جان ته ڇٽندي رڳو تڏهن جڏهن ڪنهن دلبر دوبشن جي پرسادي ٿون ٻچائي سگهندين، جان ته ٻچندي تڏهن جڏهن ايشور سان تنهنجي ٿي ويندي ايڪتا - مالڪ سان ٿي ويندو تنهنجو ميل.

ادا! هن موت جي حادثي کان اصل ڪين ٻچي سگهندين. هن ڪمنصيبيءَ کان ڪير به ٻچي ڪين سگهيو آهي.

"آيو آهي سو ويندو - راجا رنڪ فقير"

ڪنهن جي سر سان ٥٠ ڄڻا هجن يا ٥٠٠، ڪنهن جي ارٿيءَ سان ٥٠٠٠ ڄڻا هجن يا ٥ ماڻهو. ڪهڙو ٿو فرق پوي؟ سر ته سر ئي آهي، ارٿي ته ارٿي ئي آهي. لاش به لاش ئي ته آهي!

تنهنجو لاش کنيو ويو وڃي. ڪنهن گلاب ڇڙڪيو،

چڙهي گهٽي ته ماڻهن کي تڪليف گهٽي، چڙهي گهٽ
ته ڏٺا وارن کي به تڪليف گهٽ. خير ڪجهه به هجي
تون هينئر ارٿيءَ تي آسين آهين.

تون ڪلهن تي سوار اوڏانهن پيو هلين جيڏانهن
هر ڪنهن کي هلڻو آهي. رام رام ست هه... واهه گرو
نام ست هه، رام رام ست هه...

ڪانڌي تيز پيچي رهيا آهن. پٺيان پنجاهه سؤ ماڻهو
آهن. پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا هوءِ به ٽڪڙا ٽڪڙا پيا هلن.
چون پيا "ڀائي ڏاڍو سٺو هئو، مالدار هئو، سکيو
ستابو هئو." يا "غريب هئو، ...دکي هئو...... ويچارو
هليو ويو..." مورکن کي خبر ڪونهي ته اسان به انهين
ئي ويندا سين. هو ٿوري قياس پيا ڪن، ٿو لاءِ ڪهڪاءِ
پيو ٿين ۽ پاڻ کي امر ۽ اجر پيا سمجهن...... نادان!

ارٿي رستي تان گذري رهي آهي. بازار ۾ ماڻهو
بازار ڏانهن پيا وڃن، ڪي ڌنڌي لاءِ تيز دڪان ڏانهن
وڃي رهيا آهن ته ڪي نوڪريءَ وارا دفتر ڏانهن.
ڪنهنجي نظر تنهنجي ڪانيءَ تي پيئي ته "اوهه!"
چئي اڳتي وڌيو. ڪنهن "آهه" چئي پنهنجي منزل
ڏانهن تيز وک وڌائي. ڪنهن کي خيال ڪونه ٿو اچي
ته مان به اهڙي ريت هلڻ وارو آهيان. مان نه ڪال جو
گراس ضرور ٿيندس. سائيڪل، اسڪوٽر، موٽر تي
ويندڙ "آها ... اوهه" چئي اڳتي هلندا پيا وڃن،

سياڻا چون پيا ”پراڻيءَ کي جلدي ڪڍي هلو. رات جو وڳڙو آهي. جلدي ڪيو نه ته لاش جا جيوڙا ڦهلبا، ٻين کي بيمار ڪندا، هلڻ وارو ته هليو. ٻين جو پلو سوچيو. هينئر تنهنجا ٽي ٽوکي هڪ گهڙي به گهر ۾ رکڻ لاءِ تيار ڪونه آهن. ٽوکي هڪ پل به وڌيڪ رکڻ جو ڪنهن ۾ سامرٿيه ڪونهي. چار ڏينهن ٽوکي سنڀالڻ جو ڪنهن ۾ ساهس ڪونهي. سڀ پنهنجو جيون جيئڻ پيا چاهين. ٽوکي ٻاهر ڪيڻ لاءِ هر ڪو آتو آهي. هر ڪو پيو چوي، ”جلد ڪيو، دير ٿـــي ٿئي، ڪڏهن پهچنداسين، جلدي ڪيو، جلدي ڪيو اڙي جلدي ڪيو.“ ٽون هن گهر سان ڪيترو ڇڪيو پيو هوندين؛ آخر ته ٽوکي انهيءَ ريت ٻڌي سڌو ٻاهر ڪيندائي.

ديهه جي ممتا ۽ موهه ٽوڙڻو ٿي پوندو. انهيءَ ممتا ۾ ٽون جڪڙيو پيو آهين. ٻڌو پيو آهين. مايا جي جار ۾، اهوئي ڪارڻ آهي تنهنجي جنم ۽ مرڻ جي چڪر ۾ ڦاسڻ جو. هيءُ موهه ٽوکي ڇڏڻو ٿي پوندو. چاهي اڄ ڇڏين يا سڀاڻي، هن جنم ۾ يا وري هڪ ٻيو جنم وٺڻ کان پوءِ يا وري جنم جنم جي چڪر کان پوءِ. اڄ يا سڀاڻي، هن سال يا ٻئي سال، هڪ صديءَ کان پوءِ يا ڪن صدين بعد.

لوڪ ٽوکي ڪلهن تي کڻي پيا هلن. گهڻيئي ڪيهه ۽ مکڻ ڪاڏا اڏئي. چراءِ به خوب چڙهي وئي اٿيئي.

شمشان اچي ويو. ڪاٺي ڪلهن تان هيٺ لاٿي وئي. هڪ شيڊ هيٺان رکي وئي. ڪاٺيون ڇمايون پيئون وڃن. هيٺ وڇايل ٻنڊن تي تنهنجي ڪاٺي رکيل آهي. ننڍا ننڍا ٻنڊ مٿان وڇايا پيا وڃن. تنهنجي ارٿيءَ جو ٻار لهي هيئر ڪاٺين تي پيو آهي پر اهو ٻار به ڪيستائين؟

ڳاهه جا پوڙا، ڏونگين جا ڪوپا، گيهه، ماچيس ۽ ٻتي سنڀالي پيٺي وڃي. تنهنجي آخرين آجيان، تنهنجو انتم سواگت لاءِ هيءُ سڀ شيون هت آنديون ويون آهن... آخرين الوداع...

هن شرير کي تو پڪوان کارائي پاليو پيا رکي سگهي کارائي پاليو ڪهڙو فرق پيو؟ گهڻا پاڻي رهين پا ٻدا هار سينگار جي. ڪهڙو فرق؟ آخر تہ شرير باهه کي ئي سنڀالڻو آهي نه! ماچيس سان ئي تہ تنهنجي آخرين آجيان ٿيندي نه؟

هن ئي شرير لاءِ تو پاپ ڪيا. ٻي انت دک ڏنا، ڪيترن لوڪن جون دليون ڏکايون، ماڻهن جا من ڏکايا ۽ لوڪيشور سان سنٻنڌ ٽوڙيو. ڏس هيئر ڏس ڇا پيو ٿئي؟ تنهنجي انهيءَ شرير کي. وڏا ٻنڊ تنهنجي مٿان رکيا پيا وڃن. جلد ئي باهه لڳي ۽ جلد ئي تنهنجو هيءُ شرير سڙي. انهيءَ لاءِ نديون-- نديون سڪل ڪاٺيون به سان رکيون پيئون وڃن.

انهيءَ ڪاري، انهيءَ وهنوار لاءِ جنهنڪي ڇڏي، هنن کي ٻه هڪ ڏينهن اوڏنهن ئي هلڻو آهي، جيڏانهن تون پيو وڃين. انهن مورکن کي انهيءَ سچائيءَ جي سمجهه ئي ڪونهي.

هينئر تون گهر ۽ شمشان جي وچ ۾ پيو هلين. گهر ڏور پيو ٿيندو وڃي ۽ مسافر ويجهو پيو ايندو وڃي. هڪ ڇڙو تيز پيڳو شمشان ڏانهن، ڪاٺيون ٽورائڻ جون تياريون پيو ڪري. مساڻيءَ کي پيو چوي، "پائي اٺ مڻ ٽورجانءِ - ٻارهان مڻ هجن پائي... سورهان مڻ ڏجانءِ ماڻهو چڱو هٽو ٽنهن ڪري ڪاٺيون ٻه ڪجهه چڱيون هجن." جيتري ۽ جهڙي حيثيت اهڙيون ۽ اوتريون ڪاٺيون پيٽون ٽورجن. پر اَلا! ڪاٺيون اٺ مڻ هجن يا اسي مڻ. ڪهڙو فرق ٿو پوي! ڏن وڏيڪ آهي ته ڏهه مڻ ڪاٺيون وڌيڪ ٻرنديون. ڏن گهٽ آهي ته لڪڙيون ٻه پنج مڻ گهٽ. ڪهڙو فرق ٿو پوي تنهنسان؟ تون ته ئي وڃين ڏاڍيو ٻاٻا. ئي وڃين پرائو ادا!

هينئر مسافر بلڪل ويجهو اچي ويو آهي. رسم-ادائيءَ لاءِ ٻارن جا ڏل وار ڦهلايا پيا وڃن. ٻارڻ سان انڌل لڏون ڪتن کي ڪارايا پيا وڃن. جن کي جلدي آهي سي هتان ئي پيا کسڪن. باقي ٽوسان اٿي پيا هلن جتي سينڌي کي اڄ ته سياڻي اچڻو ئي آهي.

پيو ڇڪي کو اشنان ۾ لڳو پيو آهي، ڪو وري
وقت بچائڻ لاءِ پنهنجو اسڪوٽر پيو صاف ڪري،
ڪنهنکي دڪان تي جلد پهچڻو آهي، ڪنهنکي آفيس
۾ دير پيئي ٿئي، ڪو پنهنجي ماڳ واپس ورڻ جي
چنتا پيو ڪري. تنهنجي چنتا ڪنهن کي ڪونهي.
توکي شمشان ۾ آندائون، چتا تي چاڙهيائون - بس ڳالهه
پوري ٿي، قصو ڪولهه ٿيو، سڀ ختم ٿي ويو.

لوڪ واپس وڃڻ لاءِ آتا آهن. چون پيا، ”جلدي
ڪيو چتا کي اگني ڏيو. گهڻي دير ٿي وئي آهي...“

اشارا ٿي رهيا آهن جلدي پڄڻ جا. اهي ئي هئا
نه، تنهنجا دوست جيڪي چوندا هئا توکي... ”اچا
ويهه... ڪهڙي جلدي اٿئي... ٿورو وقت ته مونسان
ويهه... هڪ رات مونسان رهه... تو بنا مزو ئي ڪونه
تو اچي...“ هينئر اهي ئي پيا چون ”جلدي ڪيو...
باهه ڏيو... اسان وڃون ... دير ٿي ٿئي ... جند ڇڏ
اسانجي...“ واهه ڙي واهه سنسار جا دوست... واهه
ڙي واهه هن ڪوڙي جڳت جا رشتا ۽ ناتا... ڏنيواد
ڏنيواد! تنهنجا پول ڏسي ڇڏياسين. سائينءَ کي سڪا
نه ناهيئه ته اهڙو ئي حال ٿيندءِ. اڄ ٿائين جي توکي
سيٽ ڪري سڏيندا هئا ..... پڳ مٽ دوست
سڏائيندا هئا سي ئي پيا جلدي ڪن. انهن کي اڪ
لڳي آهي.

سڀ ڪانئون رڪيون ويون. ساڻ سڪو گاهه ٻه
رکيو ويو جيئن انهنجو ڪوبه حصو ڪڍو نه، رهجي
وڃي. هڪ ماسو به ماس جو نه اچي. هڪ ماڻهو
نظرداري پيو ڪري. مئنيجمينٽ ۾ لڳو پيو آهي. هتي به
نيتاگري نٿي ڇٽي: نيتاگري دماغ هت به پيو هلي.
"هيئن ڪيو...هون ۽ ڪيو..." حڪم پيو هلائي.
اڙي سياڻپ هلائيندڙ ڏاها! تون ۽ انهن نسي هلڻ
وارو آهين. سمجهي ڇڏ مهنجا پيارا! هت به توکي
اڳواڻي کپي؟ هتي به توکي ڪجهه خاص ڏيکاءُ کپي؟
واهه...... واهه

هي اگياني انسان! تون ڇا ڇا پيو چاهين؟ اي نادان
منش تو ڇا ڇا ڪيو آهي؟ ايشور کان سواءِ تو ڪيترا
ناٽڪ ڪيا آهن؟ ايشور کانسواءِ تو ڪيترو ڪجهه پڪڙڻ
جي ڪوشش ڪئي پر سڀ ڪال جي هڪ ئي هڪل
سان هڪ پل ۾ ئي توکان ٻري ٿي ويو. هڪ ئي
جهٽڪي ۾ سڀ توکان ڇڏي ويو. هر دفعي توکان سڀ
ڪجهه ڇڏايو ويو آهي ۽ هن جنم ۾ توکان سڀڪجهه
ڇڏايو ويندو. تون خبردار ٿيءُ منهنجا پيارا! خبردار ٿيءُ.
ارٿيءَ تي لڪڙا "فت" ٿي ويا آهن. انهنجا پٽ،
انهنجا سڀئي اندر ڪجهه پاو آٽي لڙڪ وهائي رهيا
آهن. ڪي سڀئي شرمندا آهن، ڪين انهن ۾ ڳوڙها
ڪونهن. باقي آيل گپ شپ ۾ مشغول آهن. ڪو ٻڙڙي

جا شعلا نڪرڻ لڳا. تنهنجا گهرا ۽ ويجها عزيز به ٻاهر جي ڀيٽ کان دور ٿيا پئجن. هن ٻاهر جي ڀيٽ ۾ توکي اڪيلو ئي ٻرڻو آهي بابا...!

هينئر تنهنجو ڪير ڪونهي. تنهنجا رشتا ۽ ناتا، موهه ۽ ممتا، ياري ۽ دوستي سڀ سماپت ٿي ويئي. موهه ۾ ليش ماتر به تنهن سهڻ جي طاقت ڪونهي. ممتا ۾ ذري به آنچ سهڻ جو سامرٿ ڪونهي. مؤت جو هڪ جهٽڪو ۽ تنهنجا سڀ پنهنجا توکان ڌري ٿي ويا. ٿي ويا ڌاريا... سڀ پراوا... سڀ اجنبي. ڏٺهن به ڪيو رشتا پڪا ڪرين! ڪيڏو نه ڀولو آهين! ڪيڏو نه سڌو آهين! ڪيڏو نه نادان آهين! ڏس پنهنجو حال پنهنجين اکين سان بابا.

ارٿيءَ کي اگنيءَ گهيريو آهي ۽ آيل عزيزن کي هڪ بيحال ڪيو آهي. ڪي کسڪي چڪا آهن ۽ ڪي کسڪڻ جي ٿيا ڪن. ڪي ٻچيل بيٺا آهن ڪجهه پل وڌيڪ بيهڻ لاءِ. مساڻي چمٽو کڻي بيٺو آهي تنهنجي سنڀال ۾. ڪو لڪڙو هيڏانهن هوڏانهن نه ڪري پوي. ڪا ڪاٺي ڪري ٿي ته ويچارو کڻي وري ڀيو ٿو مٿان رکي. ٻاهر برابر وچڙي چڪي آهي. ڀڀڙوڪ- ڀڀڙوڪ ٻاهر ٻري پئي. بس ٻاهر ئي ٻاهر آهي. مٿي کان ٻاهر، هيٺان کان ٻاهر. وار جلڻ ٿيا جڙ سڪو گاهه. مڏيءَ کي به باهه وچڙي وئي آهي. پنهنجي سڄي شرير کي باهه

ڏونگھيءَ جي کوٻن ۾ گيھہ وڌو ويو، جوت جلائي وئي آهي، تنهنجي وسايل جيون کي جوت ڏئي هميشہ هميشہ لاءِ نشٽ ڪيو ويندو. هيءَ ٻرهم گيانيءَ جي جوت ڪونہ آهي. نڪو ستگروءَ جي، امر جوت آهي. هيءَ تنهنجي ٻارن جي جوت آهي جن لاءِ تو ٻا عمر پنهنجو دل جيون ٿي وڃايو. اهي ئي دوست توکي اها جوت ڏسيندا. جن وٽ وڃڻ جو تو وٽ وقت ڪونہ هو تن دلارن دوستن جي جوت نہ تو ڏٺي ئي ڪونہ آهي. منهنجا مترا!

لوڪن جوت جلائي آهي. تنهنجي مٿي کان جيڪا گاهہ جي مڙي پيئي آهي، تنهنکي باهہ ڏني پيئي وڃي. گاهہ کي باهہ لڳي آهي. پهرين کان پئي ڪانديءَ ۽ باهہ ڏني آهي. پٽوڪ - پٽوڪ باهہ شروع ٿي وئي آهي. تو مٿان پکيل هلواڻ کي بہ باهہ وڪڙجي وئي آهي. لڪڙا ڏاري ڏاري آڳہ جي آڳن ۾ بدلجي رهيا آهن. باهہ چوطرف توکي وڪڙجي وئي آهي. هيئر باهہ وسائڻ بہ تنهنجي وس ۾ ڪونهي. تنهنجي مترن کي بہ ضرورت ڪونهي تہ تنهنجي باهہ وسائڻ لاءِ ڪو وسيلو ڪن. ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن کي بہ گھرائڻ جو وقت ڪونهي. ضرورت بہ نہ ڪونهي اهو سڀ ڪرڻ جي. لوڪن کي نہ هيئر توکي انتم الوداع ڪرڻي آهي نہ!

پنڊت ٻري پيو، دونهون ڦهلجي ويو آهي. باهہ

ڪٿي ڪٿي ٻڌندين...؟ ڪيسٽائيـن ٻڌندين...؟
ٻُڌو ڀيو ۾ سور ڀيٺ يا هٿن کي ڏک لڳو ته اسپيش-
لسٽس اچي ويندا هئا. هينئر ڪهڙا وشيشگيه ڪرائيندءِ؟
سنگروءَ کان سواءِ هينئر ڪير سهاءِ ڏيندءِ؟ آتم-گيان
کان سواءِ هن اوکي گهڙيءَ ۾ هميشه هميشه ٻچائڻ لاءِ
ڊاڪٽرن ۽ طبيبن ۾ ڪو سامرٿيه ڪونهي، اسپيشلسٽس
۾ ڪا طاقت ڪونهي. اهي سڀ به ته هن ٿي اوسٿا ۾
اچڻ وارا آهن، ٻلي ڊاڪٽر ڏسڻ جي ١٠٠ رپيا فـي
وٺن ٻر وٺي به ويندا ڪيڏانهن؟ انهن کي به ته هن
حال مان گذرڻو آهي.

”شاهي ۽ گدائي ڇا...
ڪفن قسمت ۾ آخر...“

ڪري وٺ ٻلي مال ڪٺو. وٺ ٻلي وڏيون فيون،
ٻر ياد رک هيءُ ڪٺور ڪال... هيءُ... هيءُ ظالم مؤت
توکي ڪميونسٽ ضرور ٺاهيندو. هر ڪنهن کي هڪ ٿي
ريت هلائڻ ۽ هر ڪنهن کي ساڳيءَ طرح گذارڻ جـي
توفيق اگـر ڪنهن ۾ آهي ته اهو آهي ڪال. ڪال
سڀني کـان وڏو ڪميونسٽ آهي. پرڪرتي سڀ کان
سچي ڪميونسٽ آهي.

تنهنجي سرير جو سڄو پڃرو پڪڙجي چڪو آهي.
ڪوهڙي ٿي چڪي آهي. ڪوهڙي پڃن سٿن ٽڪرن ۾
پريورتت ٿي چڪي آهي... ٽڪر کي ڪيڏانهن ڪريا...

برابر وڪوڙي چڪي آهي. هڪ ٻي پل ۾ آگ توکي پنهنجو ڀوڄ سمجهي سويڪار ڪيو آهي. سڄو شرير خاڪ ٿيو ٿيندو وڃي. ڪوڙا سڙي ويا، ڪفن جلي چڪو، چمڙي جلي وئي، چرٻي سواهه ٿي وئي. ماس جا ڪي لوٿڙا ٻري هيٺ پيا ڪرن. هڏن ۽ ٻيون جون هڏيون هيٺ پيون ڪرن. ڪوئڙي ٽڪاءُ ڏيڻ لاءِ بيتاب آهي. لاش سان لپٽيل جيوڙا ۽ بدن ۾ پيل گهٽس به ٻري سواهه ٿي وئي.

اي غافل! ڪين سمجهين تون،
مليو هيو تن رتن توکي.
ڪمائي ڪوڙ هردم تو،
ملايو خاڪ ۾ تنهنکي.

تنهنجي پاتل ٽيري ڪانٽن، سهڻا وڳا، سونا زيور ڪجهه تنهنجي ڪم ڪين آيا. تنهنجا هٿ پير به آگ جي حوالي ٿي ويا. ڪانئن جي وچ ۾ تنهنجي چرٻي پٽڪي ڪري، پر باهه اُتي به ڪين ٿي ڇڏيس. تنهنجي پيٽ جي سڄي چرٻي پسر ٿي وئي. تنهنجي هڏن جون هڏيون چٽڪي هڪ ٻئي کان الڳ ٿيون ۽ ٿي ويئون آگ جي اُن ۾ سواهه، اَلا... ڪيڏو نه سنڀاليو هن شرير کي. ٿورو ٿيو ته وڃي ڊاڪٽر وٽ پڳين. ٿورو زڪام ٿيو ته آمريڪا وڃين علاج ڪرائڻ لاءِ. هينئر ته سڄو ٻي سڙيو بگڙيو پيو آهي. ڪيڏانهن ٿو ڪڍين هينئر...؟

اڇو به ڪارو ختم ٿي ويو. ذات ۽ ڌرم لپت ٿي ويا.
تنهنجي تندرستي ۽ بيماري ٻئي منهنجي آغوش ۾
هميشه هميشه لاءِ سمائـــي ڇڏي. سڀ سمائت ٿي
ويو- سڀ ختم ٿي ويو... سڀ ٿي ويو سواهاـــ ٻڪي
هليو پرديس موٽي مور نه ايندو

باهه هوريان ٿڌي پئي ٿيندي وڃـــي.
ٻرڻ لاءِ هيئنر ڪجهه بچيو به ڪونهي. ڪٽنبي، سنبنڌي،
يار، دوست، مٽ مائٽ، سڀ وڃن پيا. مساڻيءَ ڪي
چوندا پيا وڃن، اسان پرڀهين ايندا سين گل چونڊڻ لاءِ،
(قول ـــ هڏين جا بچيل ٽڪر چونڊڻ لاءِ)... ڏسجانءِ
ڪنهن ٻئي جا گل نـه گڏجي وڃن؟ پين جـــا گل به
رهجي ويندا آهن. ويچارا انهڪي بـه منهنجي پرائي
جا گل سمجهي ماڻهو کڻي ويندا آهن.

— ڪير منهنجهو ۽ ڪير پرائو؟ ڇا قول ۽ ڇا اي قول.
گل جو هئو سو نه ڪري پيو. قول نـه ڪري ويـــو
الوداع. ونـــي ويـــو راهه رهاڻي. هيئنر هڏين کـــي گل
چئي به ڪهڙي خوشي حاصل ٿيندي؟ گلن جو گل نه
هئو تنهنجو چيتن. انهيءَ سان سنبنڌ رکين ها نه هجين
ها گل ٿي گل منهنجا يار.

سڀ گهر واپس وريا هڪ ڏينهن گذريو ٻيو ڏينهن
به گذريو ٽيئن ڏينهن ڪي ماڻهو پهتا مساڻ ۾. چمٽي
سان هيڏانهن هوڏانهن ڳولهي تنهنجون هڏيون کنيون

۽ ڪي ڪيڏانهن! او... هو... هڏين جا هيءُ ٺڪرا ڪنهن جا هئا؟ آهي سڃاڻڻ ۾ نٿا اچن. ڪنهن صاحب جا هئا يا ڪنهن پٽيوالي جا؟ سيٺ جا هئا يا ڪنهن نوڪر جا؟ خبر ڪانهي، ڪنهن سکي جيو جا هئا يا ڪنهن ڏکي آدم جا؟ ڪنهن ٻائيءَ جا هئا يا ڪنهن مائيءَ جا؟ ڪنهن جوان جا هئا يا ڪنهن ٻـڍي جا؟ ڪا خبر ڪونهي! ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچـــي. ڪجهه چئي نٿو سگهجي.

باهه ڍري - ڍري شانت ٿي رهي آهي. آڳڻ جو ڪافي حصو هٿ منهن ڌوئڻ ۾ لڳو پيو آهـي. واپس ورڻ لاءِ هرڪو آتو، آهي ڪيترا وڃي چڪا آهن، باقي ڪي اڃا به توکان هٿ جوڙي الوداع پيا وٺن. آڳ کـي جل جي انجلي ڏئي، اکين مان لڙڪ آڻـــي آخرين الوداع وٺي رهيا آهن توکان. شمشان مان ويندي تنهنجا ويجها عزيز پارت پيا ڪن مساڻي کي، اُن لاءِ ته هوُ سنڀالي تنهنجي باهه جي نيت ڪـي ۽ خيال رکي جيئن تنهنجي هر انگ کي باهه ڀسم ڪري ڇڏي ۽ بچي نه ڪو ماسو ماس جو. شمشان ۾ اس هينئر بچيو آهي رڳو ٽانڊن جو ڍير تون اڄ تائين جيڪو هئين سو سماپت ٿي چڪو. هينئر هڏين کي سڃاڻڻ به ڏاڍو ڏکيو آهي. تون مري چڪين. تنهنجون هڏيون ٺڪر جي چڪيون. تنهنجا رشتا ناتا ٽٽي چڪا. سڀ جو رنگ-

ئي قابل ناهن! ڪنهن مندر ۾ رکڻ جي لائق ئي ناهن!
ماڻهو ڪيترا ڏاها آهن! ڇون ٻيا، هن سان ڪهڙو
واسطو آهي، هيئنر؟ هن سان ڪهڙو مطلب آهي؟
سنساري لوڪ توسان رشتا ۽ ناتا ٽيستائين رکندا
جيستائين ڪين تو مان ڪجهه ملندو، توکان ڪجهه حاصل
ٿيندو. تنهنجي هڏين مان تن کي ڇا ملندو؟

لوڪ توکي سڏيندا هئا توکان ڪجهه وٺڻ لاءِ.
هيئنر تو وٽ ڏيڻ لاءِ ڪجهو ئي ڇاهي؟ هو توسان ٻاري
ڳنڍيندا هئا ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ. پر تنهنجا ستگرو توسان
پيار ڪندا هئا، توکي ڪجهه ڏيڻ لاءِ... توکي تنهنجي
محبوب سان ملائڻ لاءِ. سنساري توکي ناسونت ڏيئي
سوين سک ٿا ڀائين پر ستگرو توکي شاشوت ڏيئي
ئي پنهنجي سک سهوليت جي چنتا ڪونه ٿا ڪن.

جنهن دٻي ۾ چاڪليٽ ۽ ٻارلي جا بسڪيٽ پيا
هئا تنهن ۾ هيئنر تنهنجون اسٿيون پيون آهن. تنهنجي
سڄي پرتيشٺا، تنهنجو پد، تنهنجو مان ۽ مرتبو،
تنهنجي عزت، تنهنجو شان ۽ سنمان سڀ هن ننڍي
دٻي ۾ بند آهي، جيڪو هڪ وڻ جي شاخ تي ٽنگيو
پيو آهي. تنهنجي ناهيل گهر کان دور ڪافي دور
جڏهن تنهنجي گهر وارن کي وقت ملندو توکي گنگا
۾ پروان ڪري ايندا.

اَلا... ڏس پنهنجي حالت! قيمتي جيون جي هي حالت!

پيا ڪن. ڪنيون ڪري وڇهي رهيا آهن هڪ ڏٻي ۾. مٽي جا ڪي ٽڪر، سنڌن جون ڪي ٽڪريون جهڙڪي پڪيون هيون سي ڀڄيون. باقي ٿـــي ويئي سڀ پسر. رکه ئي رکه... خاڪ ئي خاڪ، مٽي مٽي ٿي ويئي.

اٽڪل ٦٥٠ گرام گل مليا. سي ڏٻي ۾ بند ڪري تنهنجا مٺر شمشان مان کڻي نڪتا آهن. سياڻن چيو، هڏيون گهر نه کڻي هلجو. ٻاهر ئي رکجو. پر ڪٿي؟ وڻ جي ڪنهن ڏار تي. جڏهن هردوار وينداسين ته اُتان ئي کڻي وڃبيون گاڏيءَ ۾. هڏيون گهر کڻي اچڻ سنسو آهي. هينئر تنهنجون هڏيون اَپ سوڻ آهن. گهر کڻي اچڻ اَمنگلڪ آهن. واهه ڙي واهه دنيا! تـو لاءِ مون سڄي زندگي خرچ ڪري ڇڏي... هاڻي هڏين کي ڏاهڻ لاءِ سڄي عمر وڃائي ڇڏي ۽ اهـــي ئي هڏيون هينئر اپسوڻ ٿـــي پيئون آهن. ڇون تاءِ هن ڏٻي کي ٻاهر ڪڍو... پـــري ڪيو... گهر ۾ نـــه رکو... واهه ڙي واهه... هه ڙي هه. ٻـــاڙي واڙي وت ٿـــا کڻي وڃن نـــه اهو ناراض پيو ٿئي. تنهنجي پگهمت يار وت کڻي وڃن ته اهو رکڻ کان اصل انڪار پيو ڪري... ڇوي پيو هٽي نه... پري پري... نـــه بابا نه... هوڏانهن، هوڏانهن...

اڙي واهه تنهنجون هڏيون ڪنهنجي گهر رکڻ جي

ٿيون ڏينهن ٿيو. تنهنجي پڳڙين جو ڏينهن آيو، ماڻهو آيا، تنهنجي شهرن گهر وڃي ڪليو، روئندڙن رنو ۽ ڏيکاءُ ڪرڻ وارن به دنياداري نڀائي. شوڪ سڀا به ٿي. توکي ڪن شرڌا جا ٻول به چار اکر چئي چاڙهيا. سڀا ۾ آيل تنهنجي موت بابت ڪانا ڦوسي ٻيا ڪن. "موت ڪيئن ٿيو مٽي ۾ سور هئس پاڻي گهرائين... جل پيئندي پيئندي هليو ويو... چڪر آيس... ڪري پيو ۽ مري ويو. پيٽ ۾ سور پيس سمهي پيو ۽ مري ويو. صبح جو گهمڻ لاءِ نڪتو واپس گهر آيو... بلڪل ٺيڪ هئو ڪجهه بيچيني محسوس ڪيائين... چيائين مونکي ڪجهه ٿئي ٿو. ڊاڪٽر ڏانهن ماڻهو موڪليوسين پر... اُف ڊاڪٽر اچي اُن کان اڳ ئي مڙس موڪلائي هليو ويو." اسپتال وياسين. وات تي ئي پکيڙو اڏامي ويو. ڪجهه نه ڪجهه بهانو هٿجي ٿو اچي موت جو. شام جو پڳڙين جي رسم ٿي. سڀ هلڻ لڳا. ڪيستائين رهندا ۽ ڪيستائين ياد ڪندا توکي ۽ تنهنجي ڳالهين کي. اڳي ويا سڀ پنهنجي پنهنجي ڪم ڪار ۾.

اَسٿين جو ڊٻو وڻ تي ٽنگيو پيو آهي. وقت گذري پيو. موقعو آيو ۽ ڊٻو هيٺئن هردوار هليو. هڪ ڳوٺڙيءَ ۾ ڊٻو رکي گاڏيءَ جي سيٽ هيٺان رکيو ويو آهي. ڪنهن پڇيو "هن ۾ ڇا آهي؟" ڪٺي ويندڙن چيو،

جڏهن ٻلي ڪبُوتر ڏانهن ڏسندي آهي ته ڪبُوتر اکيون بند ڪري مَوت کان بچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پر ٻلي ته ڪبُوتر کي ڳرڪائي ئي ڇڏيندي آهي. تون به ڪبُوتر وانگر ڪال جي اٽر ۽ اَٽل سچائيءَ کان ڀڄڻ جي ڪوشش پيو ڪرين ۽ سمجهين پيو ته مان ڪونه مرندس .. مُونکي موت ڪونه ايندو. ڀلي تون اهڙو ويچار ڪر يا ستسنگ کي وسار پر موت توکي اَصل ڪونه ڇڏيندو.

هن ستسنگ کي هميشه ياد ڪر ٻابا! هيءَ تولاءِ موت کان پار پوڻ جي ڪنجي آهي. هيءَ توکي موهه، اَهم ۽ ممتا مارڻ جي شڪتي ڏيندو. جيئن تون سچي ساڌنا ۾ لڳي وڃين. هن راهه تي قدم رکيو اٿيئي ته منزل تي پهچڻ جي پُوري ڪوشش ڪر. ڪيستائين ڀٽڪندو رهندين؟ هزارين رشتا تون جوڙيندو آيو آهين، اڪيچار مِٽن مائٽن کي تون رِجهائيندو آيو آهين پر سڀ بيسود. هيئنر سچي سکا کي سرچاءِ، سچي سنگيءَ کي رِجهائڻ لاءِ ڪجهه وقت ڪڍ. هي اُسٽيون گنگا ۾ پروان تين انهنکان اڳ پنهنجو جيون گيان جي گنگا ۾ وهائي ڇڏ. انهنجا قول ڪنهن وڻ تي لٽڪن انهنکان اڳ تون پنهنجي اَهنڪار کي ٽنگي ڇڏ. پرماتما جي اسيم ڪرپا ۾. پرماتما رُوپي وڻ تي پنهنجو اهنڪار ٽنگي ڇڏڻ پوءِ جهڙي اُنهي پار جي مرضي. نچاءِ يا ٽڪائي.

اڄ تو پنهنجو موت پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ ڏٺءِ
پنهنجي موت جي آخرين گهڙي. پنهنجي لاش ۽ پنهنجي
هڏين جي حالت به تو ڏٺي. تون هڪ اهڙي چيتنا
آهين جو تنهنجي موت کان پوءِ به، تون ان جو ساکشي
آهين. تنهنجون هڏيون ڀسم ٿي وڃڻ کان پوءِ به، اُنهن
کان ڌار رهندڙ هڪ جوت آهين. تنهنجي ارٿي جلڻ
کان پوءِ به تون تنهنکان هڪ الڳ چيتنا آهين. تون
آتما آهين. تو اڄ پنهنجي موت کي به ساکشي ٿي
ڏٺو آهي. اڄ تائين تو اهڙيون اڪيچار انتم ياترائون
ڏسي چڪو آهين. تون پنهنجي موت ۽ موت جي
انتم ياترا جي چشمديد گواهه آهين. تو موت جي ياترا
ڏٺي پر ياترا ياترا ٿي ويئي ۽ تون ان کان بلڪل پري
آهين، بلڪل الڳ. موت کان پوءِ تنهنجا سڀ سڳا
ڌاريا ٿي ويا پر تنهنجي آتما توکان بلڪل ڌار ڪونه
ٿي آهي. آتما اڄ تائين تو لاءِ پرائي ڪونه ٿي آهي.

هزارين دوستن توکي ڇڏي ڏنو. لکن شريرن ۽
ڪروڙين سنبنڌين توکي ڇڏي ڏنو. پر تنهنجو آتميو
توکي ڪڏهن ڪونه ٿو ڇڏي. شرير جي انتم ياترا ٿي
ويئي پر تون انهيءَ کان الڳ ساکي آهين. تو هيئنئر
ڄاتو آهي، ”مان هن ديهه جي آخرين سفر کان پوءِ به
بچيل آهيان. ارٿيءَ کان پوءِ به بچيل آهيان ۽ موت
کان پوءِ به بچيو پيو آهيان. مان چداڪاش آتم سوروپ

"نه نه هن ۾ ڪجهه ڪونهي." ڪجهه به ڪونهي......
هڏيون آهن هن دٻي ۾." انهن چئي دٻي کي هڪوار
وري ٻيهر ساڻ سيٽ جي اچان ۾ اندر پيا
سرڪائين. ماڻهون چلائن ٿا، "هتي نه... هتي نه...
هتي... هتي... ٻري ڪيو... ٻري ڪيو..."

واهه ڙي واهه سنسار! جنهن دٻي ۾ تنهنجون هي هڏيون آهن سو گاڏيءَ جي سيٽ هيٺان به رکڻ لائق نه رهيو. واهه ڙي منهنجا پيارا شهر! تو لاءِ مون ڇا نه ڪيو، ڇا ڇا نه ڪيو. اوم... اوم.

متر هردوار پهتا. پنڊتن کين گهيريو آهي. متر آخرين رسم پوري ڪري رهيا آهن. گل گنگا ۾ وڌا ويا. اسٽيون گنگا ۾ پروان ٿي ويون، پنڊتن کي ڏڪڻا مليا، مترن به چار لڙڪ وهايا. هيئنر هنن کي به بک لڳي آهي. هنن به پنهنجون هڏيون سنڀاليون ۽ ٻگا ماني ڪاڻ. روٽي کاڌائون ۽ واپس ورڻ لاءِ گاڏيءَ جو وقت پيا پڇن.

جلدي واپس وريو آهي. ڇوجو آفيس ۾ به حاضري ڏيڻي آهي، دڪان کولڻو آهي. هو سوچين پيا، مرڻ وارو نه مري ويو، ڪيس الوداع ڪئي سين... مان مرڻ وارو تو روئي آهيان.

متر ڪاڻ ۾ لڳي ويا آهن.

* * * *

ڏياس ٽٽڻ ڏي. ڏيهه جو موهه ڇٽو ته، باقي سڀ رشتا ناتا پنهنجو پاڻ ئي لا ٽٽجي ويندا. موهه ممتا ٽٽي ته تنهنجو وهنوار پريوءَ جو وهنوار ٿي پوندو. تنهنجي واڻي ايشور جي واڻي ٿي پوندي. تنهنجو ڏسڻ محبوب جو ڏسڻ ٿي پوندو ۽ تنهنجو جيئڻ ان يار جو جيئڻ ٿي پوندو. رڳو اندر جو موهه ڇڏ. ٻاهرين ممتا ۾ رکيو ئي ڇا آهي؟ من ئي من ۾ پاڻ کان اهو پڇ ته: "اهڙو ڏينهن ڪڏهن ايندو جو مان پاڻ کي ديهه هوندي به وديهي سمجهندس، اهو ڏينهن ڪڏهن ٿيندو جڏهن مان اڪيلائيءَ ۾ ويهي پنهنجي من ۽ بديءَ کي ڌار ڌار ڏسندي پنهنجي آتما ۾ ٻڏي ويندس. اها ويل ڪڏهن ايندي جو مان پنهنجي آتمانند ۾ مست ٿي سنسار جي وهنوار کان بي-فڪر ٿي رهندس. اهو ڏينهن ڪڏهن ٿيندو جو مان پنهنجي دوست ۽ دشمن جي وهنوار کي هڪ کيل سمجهندس هڪ راند سمجهندس هڪ ناٽڪ سمجهندس."

اِئين نه سوچ، منهنجو پروموشن ڪڏهن ٿيندو، مان پريزيڊنٽ ڪڏهن ٿيندس؟ پرڌان منتريءَ جو عهدو مونکي ڪڏهن ملندو؟ ڀاهه لڳي انهن عهدن کي. اِئين سوچ، مان آتم پد ڪڏهن پائيندس؟ ڪڏهن مان پنهنجي محبوب سان ملي هڪ ٿي ويندس؟

آمريڪا جو پريزيڊنٽ ڪوليز وائيٽ هائوس ۾

آتما آهيان. مون ڇڏي ڏنو موهه ۽ ممتا کي. ڦٽي ڪيا سڀ ٻنڌڻ.

انهيءَ اڀياس کي نه رڳو جاري رکي پر وڌائيندو وڃ ۽ ڇنيندو وڃ ڪوڙي موهه ۽ ممتا جون ڪڙيون. وقت ڪڍي شمشان ۾ ويندو رهه ۽ ڏيکاريندو رهه پنهنجي پاڻ کي اهي پنهنجي مرڻ جا نظارا.

آشارام ۾ جڏهن گهر ۾ هو تڏهن شمشان ڏانهن ويندو هئو. ڪڏهن ڏيکاريندو هئو پنهنجي من کي، ڏس تنهنجو حال ۾ هڪ ڏينهن اهڙو ئي ٿيڻو آهي.

مساڻ ۾ وويڪ جاڳندو آهي ۽ ويراڳ ايندو آهي. پر وويڪ ۽ ويراڳ جي برهما جو اُپديش آهي، تو لاءِ ڪارگر ڪونه ٿيندو. پر وويڪ ۽ ويراڳ جي برهمنشٽ ستگرو ۾ تنهنجي ياترا ۾ ايتري تيزي نه آڻي سگهندا. تنهنجو وويڪ ئي نه جاڳندو ته گرو ۾ ڀلا ڇا ڪندا؟

وويڪ ۽ ويراڳ جاڳائڻ لاءِ ڪڏهن مساڻ ۾ به ويندو رهه ۽ ڪڏهن وري مٺيءَ واڻي آهي من کي انتم ياترا ڪرائيندو رهه.

مرڻ مرڻ هرڪو ڪري،
پر مري نه ڄاڻي ڪو،
هڪڙو ڀيرو ائين مرو،
جو مرڻو پوي نه پوءِ.

گيان روپي جوت جڳائيندو رهه. هن ڏيهه جو ڏيها-

هي سڀ پد ۽ پرليشنا وقت وڃائڻ لاءِ آهن. هي
ٻڌا وڏا رشتا ۽ ناتا تنهنجو وقت برباد ڪري رهيا آهن.

سوامي رامتيرٿ پرارٿنا ڪندا هئا،

"هي پڀو! مونکي دوستن کان بچاءِ- مونکي
سڄڻن کان بچاءِ." پڇيو ويو "ڇا تا ڇو پڀو؟ شترن
کان انهيءَ ٻوندو آهي دوستن کان ڇا لاءِ بچٽو؟" رامتيرٿ
وراڻيو، "نه بابا نه، شترن سان تہ مان پاڻ ٻوندس،
ڏکن سان به پاڻ ٻوندس، ڏکن ۾ ڪڏهن به موهه
ڪونه هوندو آهي. ممتا جڏهن جڏهن جڪڙيو آهي
تہ سڄڻن ۾ ئي جڪڙيو آهي، مترن ۾ جڪڙيو آهي،
سڄڻ سنبنڌين ۽ سنبڌن ۾ گهيريو آهي.

سک ۽ سڄڻ اسانجو وقت تا وڃائين پوءِ جيڪو
ڪرڻو آهي سو رهجيو وڃي ۽ جيڪو ڪونهي ڪرڻو
جيون انهيءَ ۾ ئي خلاص ٿيو وڃي. مترن مان اسانجو
وقت بچي، سڄڻن مان اسان کي سمو ملي، يارن جي
وچ ۾ ۽ سڄڻ هوندي ايشور سان رهي سگهجن اهڙي
اڪ رڪہ پاڻ سان.

ॐ شانتي...شانتي...ॐ..ॐ...ॐ

تنهنجي ديهه جي ياترا پوري ٿي وئي. موت ڪي
بہ تو اکين سان ڏٺو. موت کي ڏسڻ وارو تون مري
ڪيئن ٿو سگهين؟ تون تہ ساڪشات چيتن آهين. تون
آتما آهين. تون نريئہ آهين. موت ڪيترائي دفعا اچي

رهندو هئو. هڪ ڏينهن پنهنجي باغيچي ۾ چهل-قدمي ڪري رهيو هئو. اتان لنگهندڙ هن کان پڇيو، ”هت ڪير رهندو آهي؟“

ڪوليز وراڻيو، ”هت ڪير ڪونه رهندو آهي. هي ڄڻ سراءِ آهي ... ڌرمشالا آهي ... هت ڪيترائي آيا ۽ هليا ويا. هت ڪير ڪونه رهندو آهي.“

رهڻ لاءِ تون به ٿوروئي آيو آهين. تون به هتان هلڻ لاءِ آيو آهين! هي جڳهه تنهنجو گهر ڪونهي. گهر ته تنهنجو آهي آتم ديو. فقيرن جو جيڪو گهر آهي سو ئي گهر تنهنجو آهي. جتي لوڪن ڏيرو ڄمايو آهي اهو ئي تنهنجو ڏيرو آهي. اتي ئي تنهنجو ڏيرو ٽڪي سگهي ٿو. پڪي هنڌ نه پيو گهر، پيو محل پلي ڪيترو به مضبوط چونه هجي ٽوڪي هميشه رکي ڪين سگهندو.

ڪوليز ڪسان کنهن پڇيو، ڪوليز هت رهندو آهي؟“ ڪوليز چيو، ”نه، هت ڪوليز ڪونه رهندو آهي. هت ڪوئي ڪونه رهندو آهي، هتان ته سڀ پسار پيا ٿين.“ چار سال پورا ٿيا. جنتا چيو ”وري چونڊون آهن، وري اٿو. وري ڪٽندا. عام ۾ توهانجو وڏو اثر آهي“. ڪوليز چيو ”چار سال مون وائيٽ هائوس ۾ رهي ڏٺو آهي. پريزيڊنٽ جو پد به سنڀالي ڏٺم. ڪوئي سار ڪونهي. وقت وڃائڻو آهي. پنهنجي پاڻ سان دوکو آهي. هيئنر مون وٽ وقت وڃائڻ لاءِ بلڪل ڪونهي“

ٿيندو؟ اُتان ۾ پڻ ٻه هن ڏٺو، جو ٿي ٿيڻو آهي ته
مان پنهنجي اندر مستي ۾ مست رهندس. مون ڇيٽن
کي، مون اتما کي ڇا مليو آهي ۽ ان جو ڇا بگڙيو
آهي؟ بگڙجندو ته ٻه هن مردي سريو جو ٿي. ملي —
ملي ٻه ڇا ملندو؟ جي ملندو ته ٻه هن ڏٺو کي ٿي
ملندو نه؟ هن ڏٺو کي مان گيان جي اگنيءَ ۾ ڀسم
ڪري آيو آهيان. هيٺر ٻڌڻ جي ضرورت ڪهڙي
آهي؟ سڻ ۽ سمجهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟
ڪهڙي ضرورت آهي ٻاهرين ٻڌاوڻ جي اڳيان
جهڪڻ جي؟

مان هيٺر سمراٽ وانگر رهندس، هڪ شهنشاهه
وانگر جيئندس، بيپرواهه ٿي رهندس. ساڌنا جي
پٿ تي ٻيو پيا آهن ته ساڌنا جي رستي تي ٿي هلي
رهندس. اوم... اوم... اوم اهڙي انسان لاءِ سڀ
ممڪن آهي. سڀ سمپو آهي. آخر مرڻو ٿي آهي پوءِ
هيٺر ٿي ڇو نه ڪال کي ڪوٽ ڏئي ڇڏجي.

ساڌڪ اُهو آهي جيڪو هزارين وگهن اچڻ کان پوءِ
ٻه نه ٿرسي لڪ لالچون اڳيان اچن، تڏهن ٻه ٿن ۾ نه
ڦاسي. هزارين پرڪار جا ڊپ اچن ته ٻه نه ڊڄي ۽
مٺين مهربانيون ملڻ تي ٻه اهنڪار نه اچيس انهيءَ جو
ٿي نالو آهي ساڌڪ. ساڌڪ جو اهو آزمودو هئڻ
ٿي گهرجي.

تنهنجي ديهه کي جهٽي پر تنهنجو انس ڪڏهين ڪين ٿيندا. بس وڃو سرير بدلجندا رهن ٿا. تون هڪ جوڻ کان ٻيءَ جوڻ ۾ ياترا ڪندو رهين ٿو.

تون نرڀئه ٿي آڏو وڌو ڪر، مان آتما آهيان. مان ٻار کي ممتا کان ڇڏائيندس. ڦالتو مٽين مائٽين ۾ وهنڊڙ هِن جيون کي ڇڏائيندس، پراڻي آشا کان پنهنجي چت کي ڇڏائيندس. آشائن جو غلام نه پر آشائن جو رام ٻڻجي رهندس. ॐ... ॐ... ॐ... مان نرڀئه ۽ بيپرواهه رهندس، دنيا جي ڏک سک کان. سنسار ۾ هر حالت ۾ سم رهندس ڇو ته مان آتما آهيان. هيئنر سنسار جون رنگينيون ۽ پرلوڀن مونکي ڦاسائي ۽ ڀرمائي ڪين سگهندا. مون سڄو ڀول سمجهي ورتو آهي. دنيا جون ريتون ۽ رسمون مونکي ڀٽڪائي ڪين سگهنديون. مان هيئنر موهه روپي اونده، مان نڪري چڪو آهيان، جاڳي چڪو آهيان موهه نشا مان. ايمانداري ۽ محڪم ارادي سان پنهنجي اصل چيتنا کي جاڳاءِ. ڪيستائين هن ديهه ۾ ستو رهندين؟ ساڌنا جي رستي تي هزارين روڙا ايندا، اڪيچار ڪنڊا هوندا، پر اهي ڳل نه اٽي پون ته منهنجو "ساڌڪ" نالو ڪيئن ٿيندو؟ ॐ... ॐ... ॐ...

هزارين هزارين انسان ۽ ٻين جي پرسنگن ۾ به مان پنهنجي گيان روپي اک کولي رکندس. ٿي ٿي ۽ ڇا

ٻه اچي ته... آهه... تلسيداس صاحب جن فرمايو آهي ته، ”اهڙي حالت ۾ پنهنجي پرم سنيهي کي شترو سمجهي تياڳي ڇڏ. اندر واريءَ چنتا جو سهارو وٺ ۽ اوم ناد جي گرجنا سان گونجي ڇڏ پنهنجو پاڻ کي.“

ڏک ۽ چنتا، غم ۽ پريشانيون، اشانتا ۽ غريبي اهي سڀ اندر جي ڳالهه آهي. ٻاهر جي ڳالهه ڪونهي. تون جڏهن جڏهن اها ڳالهه اندر سوچيندين، تڏهن تڏهن اهو سڀ توکي ڏسڻ ۾ ايندو ۽ انهن سڀني غمن، پريشانين، دکن ۽ چنتائن جو توکي ٻاهر احساس ٿيندو.

اندر ۾ پاڻ کي ڏٻرو ۽ هيڻو، گهٽ ۽ ابالو نه سمجهه. گهٻراهٽ وارين حالتن ۾ به تون جهڪجانءِ اصل نه. اومڪار جو سهارو وٺ، ستگرن جي رحمت جو سهارو وٺج. موت به اچي ته ان جي مٿي تي پير رکڻ جو سامرٿيه پاڻ ۾ پيدا ڪر. ڪيستائين ٻچڙو رهندين؟ ڪيستائين ٻاسون ٻاسيندو رهندين؟ ڪيستائين سيٺين صاحبن کي رجهائيندو رهندين؟ تون هڪ پيرو، فقط هڪ پيرو پنهنجو پاڻ کي رجهائڻ سک. پنهنجو پاڻ سان دوستي ڪرڻ سک. ٻاهريان دوست ڪيستائين ڪندو رهندين ٻابا...! ڪبير صاحب جن چيو آهي:

ڪبير اِهه جڳ آئيڪي
بهوت سي ڪيني ميت،
جن دل باندا ايڪ سي
وي سوئي نشچنت.

روڪي سگهي مونکي ڪو،
زماني ۾ دم نه آ،
زماني سان مان نه آهيان،
زمانو ئي مونسان آ.

پرهلاد جي پتا ڪيس روڪيو پر پرهلاد اڳتي ئي چڙهيو. هو ايشور جي راهه تي نڪري پيو. ميران کي پتيءَ ۽ پريوار وارن روڪيو پر ميران انهن جي هڪ نه مڃي. ٻلي راجا کي چوائيندڙ گرو روڪيو، پر ٻلي به ڪونه رڪيو. انهيءَ جي ڳالهه کي ٻڌو اڻٻڌو ڪري ڇڏيو.

الله جي راهه تي هلڻ کان جي گرو به روڪي ته انهيءَ جي ڳالهه به نه ٻڌجانءِ پر ايشور جي راهه اصل نه ڇڏجانءِ.

پر اهڙو ڪهڙو گرو هوندو جيڪو ايشور جي راهه تي هلڻ کان روڪيندو؟ اهو گرو نگرو هوندو. گرو جي ايشور جي پٺ تي ٻـر ورڪڻ کان روڪي ته ٻلي راجا کي ياد ڪري قدم اڳتي وڌائج. جي ڏال روڙو ٻچي ته راجا پرٿريءَ کي ياد ڪري ممتا کي ڀـري ڦٽو ڪجانءِ، جي پٽ ۽ پريوار روڪڻ جي ڪوشش ڪن ته مايا موهه ۽ ممتا جو مهاجار سمجهي ڪٽي ڦٽي ڪجانءِ. انهيءَ مهاجار کي گيان روپي ڪاتيءَ سان ايشور جي، آتم ساڪياتڪار جي آڏو ستي ۾ سڌو ماٺهو

سرجڻهار خود ئي اڇي سگهي ٿو. سرشٽي هلائڻ ۽ سنڀالڻ جي زميداري ان سرجڻهار جي. ٿون جي سچ ۾ جٽيل آهين ته ڌڪار آهي انهن ديون ۽ گندروَن کي جو تنهنجي شيوا لاءِ لوڪن کي پريرنا نه ڏين. جي ٿون پنهنجو پاڻ ۾ آتماراميءَ آهين ته ڌڪار آهي انهن ڪنرن ۽ گندروَن کي جي تنهنجو جسگان نه ڪن.

ناحق ٿون ويٺو ديوين ديوتائن اڳيا نڪ گسائين. ٿون پنهنجي آتما کي ماري پنهنجي شڪتيءَ جو انادر ڪري ڪيستائين پيو پنندين؟ هيئنئر ٿوکي سڄاڳ ٿيڻو پوندو. هن در تي آيو آهين ته ائين سڻل رهڻ سان ڪم ڪونه هلندو.

ڀلي هزارين يگيه ڪر ۽ لکين منتر اُچار، پر ٿو ڀورڪتا نه ڇڏي ته تنهنجو ڀلو اصل ڪون ٿيندو. ٽيٽيهه ڪروڙ ديوتائون ته ڇا پر ٽيٽيهه ڪروڙ ڪرشن ئي ڀلي اچي وڃن پر جيستائين ٿو تتو گيان کي وهدوار ۾ نه آندو آهي تيستائين اڄن وانگر روئندو ئي رهندين. ويدانت روپي شير کي پنهنجي جيون ۾ خوب گرجڻ ڏي.

ॐ ناد جو خوب ناد وڄاءِ. ॐ ڪار جي خوب گرجنا ٿيڻ ڏي پنهنجو پاڻ ۾. پوءِ ڏس، تنهنجا دک ۽ چنتائون ڪٿي ٿيون رهن.

ڪاڪو تي پائنيو ڇو ٿو اٿڄين؟ آتما تي ڌيهه ڇو

گهڻائي دوست تو ڏٺا هيا پر جن هڪ سان ئي لڳو لائي سي سڀ کان سگهيا، جن هڪ سان دل جوڙي سي ئي ڏنيءَ ٿيا.

”هڪ“ سان دل جوڙڻي آهي، پنهنجو پاڻ سان دل جوڙڻي آهي. ”هڪ“ ڪنهن آڪاش ۽ پاتال ۾ ڪونه ويٺو آهي، ڪو ٽيليفون جو ٽنبو به ڪونهي. ڪا تند ۽ تار به جوڙڻي ڪونهي. اهو ”هڪ“ ته پنهنجي پاڻ ۾ آهي. اهو ”هڪ“ تون ئي آهين! ناحق پيو سڪڙجين، بيڪار پيو سسين ۽ سوچين، ”هيءُ ملندو نه سک ملندو، هو ملندو ته سک ملندو.“ اڙي! سڀ هليو وڃي ته به ڇاجي چنتا! سڀ ملي وڃي ته به ڇا جي خوشي! ملي ته به ٺيڪ آهي، نه ملي ته به ٺيڪ آهي، ٿي ٿي به ڇا ٿيندو. نوڪري نه ملندي روٽي نه ملندي. ڪا پرواهه ڪونهي. آخر مرڻو ئي آهي! هن ديهه لاءِ تون جڏهن بي فڪر ٿي ويندين ته پاڻ پاڻ ئي فڪر ڪندو، متان اڌمويتا ٻکيو نه رهجي وڃي.

جيئن نورت ٿي سائين آيا،
شروع ٿي وئي ٻي هڪ مايا،
بڪه سائين ۽ محسوس ڪئي،
پر چپ ويٺا ائين ڇڏي،
ڪيڏانهن ڪين مون وڃڻو آ،
قدرت ڪي هت ڏيڻو آ.

فقيرن جو مطلب ڀڄندڙ ڀڪاري ڪونهي، فقير جو مطلب لاچار ڪونهي. فقير اهو آهي جنهن ۾ ڀڳوان جي ڇاتيءَ تي پير رکي راند ڪرڻ جي طاقت هجي. ايشور جي سيني تي لت هڻڻ جو جنهن ۾ سامرٿ آهي اهو آهي فقير. ڀرڳوءَ ڀڳوان جي ڇاتيءَ تي لت هڻي ۽ ڀڳوان سندس پير جي مالش پيو ڪري. ڀرڳو رشي فقير آهي. پينوءَ کي ٽورو ٿي فقير ڇٻو آهي. جنهنکي ترشنا آهي تنهنکي ٽورو ٿي فقير سڏبو آهي.

ڀرڳوءَ کي ڀڳوان سان وير ڪونه هئو پر سندس سمتا ڏسڻ لاءِ هنيائينس هڪ لت. ڀڳوان وشنوءَ ڇا ڪيو؟ ڪاوڙ ڪئي؟ نه نه. ڀرڳوءَ جا پير پڪڙي زورڙا ڏيندي چيو، "هي منيور توهانجي پير کي ايذاءُ ته ڪونه آيو."

فقير اهي آهن. لوڪ انهن وٽ ٿا اچي پيا چون "مٽي ڏي... پٽ ڏي... منهنجو ڇا ٿيندو... ٻارن جو ڇا ٿيندو... ڪٽنب جو ڇا ٿيندو...؟"

سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. تون پنهنجي پاڻ ۾ اچ. پنهنجي مهما ۾ اچ. پنهنجي پاڻ کي سڃاڻ ۽ پيهي وڃ پنهنجي پاڻ ۾.

جج ڪورٽ ۾ ٻاهري پاڻ لاءِ ڪونه ويندو آهي. هُو وڪيل، اپيل، وادي، ۽ پرتيواديءَ کي سڏ ڪرڻ ڪونه ويندو آهي. هُو ته ڪورٽ ۾ اچي بس پنهنجي

ٿو سڏائين؟ ڪيترو وقت هن جلندڙ ديهه کي "مان" سمجهندو رهندين؟ ڪيترو وقت هــن ڏيهه جي سک ۾ سکي ۽ ڏک ۾ ڏکي ٿيندو رهندين؟ اڙي، سوپنائن جا ساٿي لوڪي پاڻــي دنياوي سمجهن، تنهنجو پيو پوندي ٿــي ڏڪـــ سکن ۾ بدلجي وڃــن، اهڙي جيوت گهار.

گهور جهنگل ۾ هليو وڃين ته اتي به سوپنائون هجن. نه نه هجن ته پنهنجي موج ۾ پنهنجو آتم آنند پيگ نه ٿئي. ملي نه ڪاٿو. نه ملي ته واهه واهه! اڄ ورهه ٿي ويو.

راضي رهان مان تنهن ۾ جنهن ۾
رضا آ تنهنجي
ڪائي نه جستجو ڪا آرزو آ منهنجي

ڪاٿو پا نه ڪاٿو اهو مڙدي لاءِ آهي، جنهنجون استيون به نڪرائجن ٿيون. ڇا جي چنتا؟ پرماتما جو پيارو ٿي نڪرن جي پيو چنتا ڪرين! سڌن جو داڻو ٿي پيو ڪپڙن جي چنتا ڪرين! فقيرن جو لاڏلو ٿي پيو پئسن جي چنتا ڪرين...! سڌ پرشن جي سنگ ۾ رهي پيو سمبنڌين جي چنتا ڪرين!

ڀڳتين جا تو گهڻا ٿي پار ڪيا. هيئنر بيڙو پار ٿي ۽. فقيرن جي سنگ ۾ آيو آهين ته ڪڙ ٿي ۽ ۽ جنهن جي وچ جڳد ليش ۾.

مهيش ۾ ڪونهي. اُهڙي اوسٿا ۾ ايندي آهي جڏهن ڪي
ڇٽبو آهي آتم ساڪياتڪار.

برهما وشنو ۽ مهيش ۾ اهڙي لتوپتا کي پاڪر پاڻي
چوندا، هيءُ جيو هيئڙر شوروپ ٿي ويو آهي. اهڙو
گيان پراپت لاءِ تنهنجو مانک جنم ٿيو آهي ۽ تون پيو
ٿنيو ٿين. "ٻونکي نوڪر ناهه..." اڙي! جي تون
تيار آهين ته پنهنجي مهما ۾ جاڳڻ ڪوکٺن ڪم ڪونهي

آهڙي آ کهڙي ڳالهه جيڪا ٿي نٿي سگهي
جيڪو ٻه تون ٿو چاهين اهو ٿي نٿو سگهي
نديڙو ڪيڙو ٿو پنهنجو پٿر ۾ گهر ڪري
انسان ڇو نه ٿو پوءِ دلبر ۾ گهر ڪري

هي امبا! هي وشنو! تون گهڻو ٿي ڪري چڪين.
ان ڪرڻ جو ڦل آهي جو تون هاڻي هت پهتو آهين.
تنهنجي ڌرم ۽ ڪرم جو اهو ڦل آهي جو تنهنجي
لتوپتا برهمنشٽ سان ملاقات ٿي. آشارام جي ديهه سان
نه آشارام سان. شرير سان ملاقات ته ڪيترن ناستڪن
جي ۾ ٿيندي آهي، رواجي ماڻهن کي ۾ ٿيندي آهي.
پر جڏهن شرڌا جاڳندي ته ديهه کان پار جيڪو ويٺو
آهي تنهنکي سڃاڻڻ جو سامرٿ اچي ويندو آهي تون
انهيءَ کي سڃاڻڻ جي قابل ٿي ٿو وڃين ...ॐ... ॐ ॐ.. ॐ

جيڪو لتوپتا واڻيءَ کان پري آهي انهيءَ کي

ڪرسي لئي وڙهندو آهي ۽ سڀ ڪم پنهنجو پاڻ ٺيڪ
لڳندا آهن. جڏهن جي ڪرسي ڇڏي هاڻي پرڻ لڳي،
ڀاري پاڻي ۽ سڏ ڪرڻ شروع ڪري ته هو نياءُ ڇا
ڪندو؟ هو انصاف ڪهڙو ڪندو؟

اڙي! تون ججن جو به جج آهين. پنهنجي ڪرسيءَ
لئي وڙهي رهيو. پنهنجي آتم چيتنا ۾ جاڳي وڃ پوءِ
ڏس! ٽيٽيهه ڪروڙ ديوتائون هٿ جوڙي تنهنجي
ٽهل ۾ نه، ڀيهن ته منهنجو نالو آشارام ڪونهي.

ننڍيون وڏيون پوڄائون گهٽيءَ ٿيون. هاڻي لڳي
وڃ آتم پوڄا ۾. اڇي وچ پنهنجي مهما ۾. تـــون
ڪيڏو وڏو آهين اهو تو اڃان ڄاتو ئي ڪونهي. اندر
جو پد به تو اڳيان تڇ آهي. تـــون اهڙو وڏو هوندي
به پيو سمجهين. مونکي ٿورو پروموشن ملي... ڪارڪون
مان مامليدار ٿيان... مامليدار مان ڪليڪٽر ٿيان... ڪليڪٽر
مان سيڪريٽري ٿيان... پر توکي وڏو ٿاهيندڙ توکان
وڏو ٿي رهندو. تون ننڍي جو ننڍو ٿــي رهندين.
ٿاهيندڙ تنهنجڙ کان هميشه وڏو هوندو آهي. پاڻ کي
ڪنهنکان وڏو رکندين؟ مڙدن کان؟ پنهنجي آتما کي
ئي سڀ کان وڏو سمجهه. نادان تون ته پاڻ کي اندر
کان به راونچ سمجهه. فقير انهيءَ کان به اڳتي چوندا
آهن. هو چون ٿا پنهنجي پاڻ کان وڏو ارهمان وسندو ۽

ٻوڙهه جي ٽڪر کي مٽيءَ ۾ ڦٽو ڪيو ۽ سنڀالي ڪُٺ
۾ رکو ان لئي ڪٺ ضرور ڇڙهندي، ڀر جي ٻارس
ڇهايوس ته ڪنڇن ٽي پوندو. پوءِ ٻلي کيس مٽيءَ ۾
رکو يا الماڙيءَ ۾. ڪٺ کيس ڇهي ڪو نه سگهندي.
اهڙيءَ رات ٻهنجي من کي هڪ وار آتم ساکيالڪار
ڪرايو پوءِ ٻلي کيس سماڌيءَ ۾ وهاريو ڇاهي نرڪ ۾
ڦٽي ڪيوس. هُو جتي هوندو ٻهنجي ٻاڻ ۾ پورڻ
هوندو. انهيءَ ڪري ٽي گياني چئبو آهي. اهڙو گيان
جيستائين نه ٿيو آهي تيستائين ٻلي سڀ رڌيون ۽
سڌيون هٿ اچن يا مڙدي کي ڦوڪ ڏئي اٿارڻ جي
طاقت هٿ اچي ٻر ان آتم گيان ملڻ کان سواءِ سڀ
بيڪار آهي. واڪ سڌي، سنڪلپ سڌي ڪا مدل
ڪونهي. هيءَ سڀ وچ جا پڙاو ٿي سگهن ٿا. اهو گيان
جو ڦل ڪونهي. گيان جو ڦل اهو آهي جو برهما، وشنو
۽ مهيش ۽ ڏسي گڏ گڏ ٿين ۽ چون واهه واهه ! اڄ هيءَ
جيو شو سوروپ ٿيو.

ॐ...!   ॐ...!   ॐ...!

ڀلڪڙو ئي پوندو، جيئڙو ۽ مرڻو پوندو ڇاهي هو
رام سان هجي يا ڪرشن سان. جيستائين اتو گيان نه ٿيو
آهي تيستائين نه بابا...

آتم تتو چيٽيا ونا سرو ساڌنا جوٺي.

سرو ساڌنا ڪرڻ ڪانپوءِ نرسنهه مهتا اهوچون ٿا-
ٿون ڪيتري ساڌنا ڪندين؟

ڀرپائين مون به خوب پوڄا - اپاسنا ڪئي. ڀڳوان
شنڪر جي پوڄا ڪانسواءِ ڪجهه ڪائيند ويئندو به ڪونه
هئس، پرم پوجيه ليلاشاهه صاحب جن وٽ ويس ته به
پارڻ سان شنڪر جي پوڄا جي سامگري ساڻ کڻي ويس
ڪائيون به ڏوئي پارڻ وارن مان هئس. تڏهن اسا
جيستائين پرم پوتر آتم گيان ڪونه ٿيو تيستائين سڀ
پوترتا بس اپاڌي هئي. پر هيئر... هيئر ڇا چوان؟

نئنيتال ۾ پندرهن ڪولين جي رهڻ لاءِ هڪ
مڪان پاڙي تي ورتو. ڪرايو ٣٢ رپيا هئو ۽ هو
رهڻ لاءِ ڪل ١٥ ڄڻا هئا. ليلاشاهه باپوءِ ڏسي چيو
هيءَ ونو ٢ رپيا، مونکي به هڪ ميمبر ڳڻيو. ٣٢ رپيا
ڪرايو آهي ۽ اسان ١٦ ڪرائيندر ٿينداسين.

هيءَ انمت پرماند جوشهنشاهه ڪيترائي سال انهن
ڪولين سان رهيو. هو مها پوتر هئا جنهن اپوترتا
ڇهي ئي نه پيئي سگهي.

هڪ وار جيڪو پرم پوتر ٿيو تنهنکي ڇا ٿيندو.

گپ ۾ ڦاٿڙن ماڻهوءَ جا پير ڦاسندو آهن پوءِ گوڏا تنهن کانپوءِ ڌيري ـ ڌيري سڄو سرير ئي ڦاسي ويندو آهي. اهڙي ئي نموني سنسار جي گپ ۾ انسان ڦاسندو آهي. ”ٿورو هي ڪري وٺان، ٿورو هي ڏسي وٺان، ٿورو ڪائي وٺان، ٿورو پڙهي وٺان.“ شروعات ۾ ٿوري پيئڻ وارو ٿوري ٿوڪ هڻندو آهي پوءِ پوري عادت ۾ پڙجي ويندو آهي. شراب پيئڻ وارو پهرئين ٿورو پيڪ پيئي ٿو، پوءِ پورو شرابي بڻجي وڃي ٿو.

انهن ئي ممتا جي بندن وارا ممتا ۾ ڦاسي وڃن ٿا. ٿورو ڪٽنبن جو خيال ڪيون، ٿورو سرير جو خيال رکون ...... ٿورو ڪندين ـ ڪندين پڙي سنسار جي خيالن سان پرجي وڃي ٿي. جڏهن پڙيءَ ۾ پرماتما جو گيان هڻڻ ڪهي، جڏهن پڙجي ۾ پرماتما شانتي پرڻ گهرجي ان پڙيءَ ۾ ۾ سنسار جو ڪچرو پريو پيو آهي. سهڻ وقت به سنسار ٿو ياد اچي، هلندي چلندي به سنسار ٿو ياد اچي، جيئون ٿا ته به سنسار ٿو ياد اچي ۽ مرون ... ٿا ... ته ... ... سنسار ..ئي ... ياد ...ٿو . اچي

پڙو آهي سرڳ جي ٻاري ۾، پڙو آهي نرڳ جي ٻاري ۾، پڙو آهي ڀڳوان جي ٻاري ۾. جيڪڏهن پڙي مان موه نڪري وڃي ته سرڳ ـ نرڳ جو موهه نه رهندو، ڀوڳ پدارٿن جو موه نه رهندو. موهه جي ٿوڙتي ٿيندي پڙي، ڪنهن ۾ نڪندي ڪونه سواءِ پرماتما جي.

موھ جي ننڊ مان جاڳو

پرم پوڄيه سنت شري آشارام صاحب

اکين ڏواران، ڪنن ڏواران دنيا اندر گھسي ٿي ۽ چت کي چنچل ڪري ٿي. جپ، ڌيان، سمرڻ، شڀ ڪرم ڪرڻ سان ٻڌي نرمل ٿئي ٿي. نرمل ٻڌي پرماتما ۾ شانت ٿئي ٿي ۽ ملين ٻڌي جڳت ۾ الجھي ٿي. ٻڌي جيتري - جيتري ٻاهر اوتري - اوتري پرم شانتيءَ سان پري ٿي. ٻڌي جيتري جيتري ملين اوتري سنسار جي واسنائن ۾، وڪارن ۾ ڀٽڪي ٿي.

اڄ ڏينهن تائين جيڪو ٻڌو آهي، ڏٺو آهي ان ۾ ٻڌي وڃي ڀر مليو ڇا؟ اڄ کانپوءِ جيڪو ڏسندا سين، ٻڌندا سين ان ۾ ٻڌيءَ کي ڀوڳائيندا سين پر آخر ملندو ڇا؟ شري ڪرشن چون ٿا:

يدا تي موھ ڪلِلم ٻڌير ويتيترِشيتي،
تدا گنتاسي نرويدم شروتويسيه شرتسيه چ.

"جڏهن ڪال ۾ تنهنجي ٻڌي موھ روپي ڪُپ مان پار ٿي ويندي، ان وقت تون ٻڌل ۽ ٻڌڻ ۾ ايندڙ ھن لوڪ ۽ پرلوڪ سمبنڌي ڀوڳن کان ويراڳ کي پراپت ٿيندين." (ڀڳوت گيتا : اڌياءِ ۲ . ۲۲ سلوڪ ۵۲)

”هي منيشور! مان شرڻاڳت توهانجي شرڻ آئي آهيان. مان هڪ نرالي سرشٽيءَ جي رهواسي آهيان. اُن سرشٽيءَ جو رچيندڙ مهدجو پتي آهي. انجي پتنيءَ ۾ استري يوڳڻ جي اڇا ٿي تنهنڪري مهدجو سرجن ڪيائين. مهدجي اُتپتي ڪانپوءِ انهن کي ڌيان ۾، آتما ۾ وڌيڪ آنند اچڻ لڳو تنهن ڪري هنن مونکي تياڳي ڇڏيو آهي. هاڻي مون ڏانهن اک کڻي ۽ نهارڻ ڪونه ٿا. مهدجي جوانيءَ جي اوسٿا آهي. مهدجا انگ سندر ۽ ڪومل آهن. مان پتيءَ ڪانسواءِ رهي نٿي سگهان. توهان ڪرپا ڪري هلو. مهدجي پتيءَ کي سمجهايو.“

ساڌو پرش پراپڪار جي جلدي لاءِ سهمت ٿي ويندا آهن. وسشٽ مهاراج اُن مهلا (وديا ڌريءَ) سان گڏ اُن جي پتيءَ وٽ وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. وسشٽ جي ۽ يوڳي هئا، هوءَ مائي ۽ ڌارڻا شڪتيءَ ۾ پوال هئي. ٻئي اُڏامندا-اُڏامندا هن سرشٽيءَ کي لنگهندا ويا. هڪ نئين برهمانڊ ۾ هو پرويش ٿيا. اُتي اها وديا ڌري هڪ وڏي پٿر ۾ داخل ٿي، پر وسشٽ جن ٻاهر ئي رڪجي ويا. وديا ڌريءَ جي واپس ٻاهر اچڻ تي وسشٽ جن چيو:

”تنهجي سرشٽيءَ ۾ مان پرويش نٿو ڪري سگهان.“ تڏهن اُن وديا ڌريءَ چيو، ”توهان مهدجي

پرماتما کانسواءِ جيڪي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو ٻڌيءَ جي بلڪل سمجھ کان ٻاهر آهي. احمدآباد وارو چوي ٿو ته، ٻاهي ۾ سک آهي. ٻاهي وارو چوي ٿو ته، ڪلڪتي ۾ سک آهي، ڪلڪتي وارو چوي ٿو ته، ڪشمير ۾ سک آهي. ڪشمير وارو چوي ٿو ته شاديءَ ۾ سک آهي، شاديءَ وارو چوي ٿو ته ٻارن ٻچن ۾ سک آهي، ٻار ٻچن وارو چوي ٿو ته نوڪريءَ ۾ سک آهي، نوڪريءَ وارو چوي ٿو ته ٻروڙي ۾ سک آهي. موهه سان ڀريل ٻڌي انيڪ جنمن ۾ ڀٽڪائي ٿي.

جنهن ڪال ۾ تنهنجي ٻڌي موهه روپي ڪيچ کي پار ڪري ويندي، ان وقت تون ٻڌل ۽ ٻڌڻ ۾ ايندڙ هن لوڪ ۽ پرلوڪ سمبنڌي سڀني ڀوڳن کان ويراڳ کي پراپت ٿيندين"

هن لوڪ ۽ پرلوڪ. ست لوڪ مٿي آهن ڀور، ڀُو، سوه، جنه، تپه، مهر ۽ ستيه. ست لوڪ هيٺ آهن: تل، اتل، وتل، تلاتل، مهاتل، رساتل ۽ پاتال. جڏهن ٻڌيءَ ۾ موهه هوندو آهي تڏهن انسان ڪڏهن نه ڪڏهن لوڪ ۾ پاڙا ڪندو رهي ٿو.

وسشٽ مهاراج رام جڏهن جو مدوپال ڏاڍا شڪتيءَ ڪري تمام ڪجهه پست ٿيو هو، اچا شڪتي جڏهن جي پرپل اهڙي هڪ وڏاڏري آئي وسشٽ کي چيائين،

مان نڪو ڦاسان. پر توهان ائين ئي چوندا ته وڃو ۽ ڦاسندا ئي ته وڃو. پڇاڙيءَ هڪ اهڙو پرم گسي وڃي ٿو.

جهڙي طرح ساڌڪ کي ٿي ته، ارجن جهڙي کي به اهو پرم ٿيو هو. ارجن کي ساڪياتڪار ڪونه ٿيو ۽ هو چئي رهيو آهي: ”ڀڳوان! تنهنجي پرساد سان مان هاڻي سمجهي ويو آهيان. هاڻي مان ٺيڪ ٿي ويو آهيان.“

ڀڳوان جواب ڏيندي فرمائي رهيا آهن: ”چڱو، ٺيڪ آهي، سمجهي رهيو آهين تڏهن ته ڏکي سگهي آهين! اندر ۾ موهه ممتا اٿئي!“

پارهين اڌياءَ ۾ ارجن چيو، ”موکي گيان ٿي ويو آهي مان سڀ سمجهي ويس. منهنجو موهه ناس ٿي ويو. تنهن بعد ست اڌياءَ پيا هليا آهن، ان کي خبر ٿي ڪونهي ته ساڪياتڪار ڇا ٿيندو آهي.

هڪ تشبيهه ناڻي پوڪا ايندي آهي جيڪا جيو جو سپاهي هوندي آهي. جيو ۾ ٿوري شانتي، ٿورو سامرٿ، ٿوري خوشي اچي ويندي آهي ته سمجهندو آهي مون گهڻو ڪجهه حاصل ڪري ورتو آهي. ٿورو آڀاس ٿيندو آهي، جهلڪ ايندي آهي، ان کي ماڻهو ساڪياتڪار مڃي ويهندا آهن.

جڏهن موهه جي گهپ کي پڌي پار ڪري ٿي وٺي تڏهن تنهنجو پڌل ۽ ڏٺل جيڪو هوندو ان کان تون وئراڳ کي پراپت ٿيندين. اندر ديوتا ته اچي هٿ

چٽ ورتيءَ سان پنهنجي چٽ ورتي ملايو ته توهان
به مونسان گڏ گڏ پرورش ڪري سگهندا.”

هڪ ماڻهو سهڻو ڏسي رهيو آهي. انجي سهڻي ۾
ٻيو ماڻهو داخل ٿي نٿو سگهي. ٻيو تڏهن داخل ٿي
سگهندو جڏهن انهن ٻنهي جا سنسڪار هڪ جهڙا هوندا.

هڪ ماڻهو سمهيو پيو آهي. توهان انجي پرسان
جاڳرت بيٺا آهيو. توهان بار- بار گهرائيءَ سان وچار
ڪريو، اُن ٿي وچار جو بار- بار چنتن ڪيو، پرساد
پهچي رهي آهي، ٿڌ لڳي رهي آهي. توهانجي هر هڪ
سواس جا آندولن ان سمهيل ماڻهوءَ مٿان پرڀاو وجهندا
ته انجي چٽ ورتي توهانجي چٽ ورتيءَ سان تداڪار
ٿيندي ۽ انکي سهڻو ايندو، خوب پرساد پهچي
رهي آهي ۽ مان پسي ويو آهيان.

موڪه ماڻهن جي وچ ۾ اسان رهون ٿا. سنسار جي
گپ ۾ ڦاٿل، پئسن جا غلام، اندرين جي غلام ماڻهن
جي وچ ۾ جيڪڏهن سادڪ ۾ وڃي ٿو ته هو به سوچي
ٿو، ٿورو پئسو گڏ ڪريان، ٿورن جي ٿوري ٿوي ٿاهي
ڇڏيان، ڇو جو پڙڏاڏو، ڏاڏو ۽ ابو ڪٺي ويا ۽ هاڻ آءٌ
باقي آهيان.

موهه جي گپ ۾ ماڻهو ڦاسي وڃي ٿو. گپ ۾ ڦاٿل
ماڻهوءَ سان جيڪڏهن توهان سنبنڌ رکو ٿا ته توهان
به ڦاسڻ لڳندا. توهان کي لڳي ٿو هو ڦاسي ٿو

سنت مهاپرش، يوگي جڏهن سادنا ڪندا آهن تڏهن اُپسرائون اُچي نخرا ڪنديون آهن. جيڪي اُنهن نخرن ۾ موهجي ويندا آهن، اُهي آتم پد نٿا پائي سگهن، آنند جي خزاني کي نٿا پائي سگهن. تنهن ڪري سادڪن کي ساوڌان ڪيو ويندو آهي، ڪنهن رڌي سڌيءَ ۾، ڪنهن پرلوڀن ۾ نہ ڦاسجو.

توهان من ۽ اِندرين تي ٿورو بہ ضابطو ڪندا تہ توهانجي واڻي ۾ سامرٿيہ اَچي ويندو. توهانجي سنڪلپ ۾ بل اَچي ويندو، توهانجي دوارا چمتڪار ٿيڻ لڳندا.

چمتڪار ٿيڻ ساڪياتڪار ڪونهي. چمتڪار سرير ۽ اِندرين جي سنيم جو ڦل آهي. ساڪياتڪاري مهاپرش دوارا نہ چمتڪار ٿي ويندا آهن. هو چمتڪار ڪندا ڪونہ آهن، ٿي ويندا اَٿن. اُنهن لاءِ اِهي ڪا وڏي ڳالهہ ڪونهي.

واڻي ۽ سنڪلپ ۾ سامرٿيہ اِهو اِڇا شڪتيءَ جو هڪ حصو آهي. توهان جيڪو سنڪلپ ڪيو اُن تي درڍ رهو. جيڪو وچار ڪريو اُن وچار کي ڪڏهن لاءِ وپريت وچار اُٿڻ نہ ڏيو، تہ توهانجي وچارن ۾ بل اچي ويندو.

اندرين ۽ من تي ضابطو رکي جپ، تپ، مؤن، ايڪاگرتا سان انتہ ڪرڻ شڌ ٿي ويندو. شڌ انتہ ڪرڻ جو سنڪلپ جلدي ڦلي ٿو. پر اها آخرين منزل ڪونهي. شڌ انتہ ڪرڻ اشڌ بہ ٿي سگهي ٿو.

جوڙي ڇڏيو، ڪبير توهان لاءِ خزاني جون چاٻيون ڪڍي ڇڏي رکي، برهماڄي ڪر منڊل ڪڍي ڇڏي رکي ۽ چون، هلو، ٻن برهمڻن جو سک وٺو، پوءِ ٻه توهانجي چت ۾ اُنهن ٻنهي جو آڪرشڻ نه رهندو. تنهن سمجهجو ساڪيا ٿي ويو.

ٻچون ڪا کيل نهين منڊلي محبت، يهان جو ڀي آيا سر پر ڪفن باندھ ڪي آيا.

جيو جو سڀاءُ آهي ڀوڳ. شو جو سڀاءُ ڪونه آهي. جيو جو سڀاءُ واسنا آهي، جيو جو سڀاءُ ڀوڳ آهي سک لاءِ ڀوڳڻ. برهماڄي ايندا آهي ته سک ڏيڻ جي ٿي ڳالهه ڪندين؟ سک جي لاءِ جيڪڏهن توهان ڊوڙو ٿا ته خبر ٿي پوي سک جو ساگر توهانجي اندر ۾ [illegible] ڪونه ايڙهو آهي. سک جي ڪمي هوندي تنهن سک وٺڻ ڪنهن هنڌ ويندا. سک وٺڻ جيو جو سڀاءُ هوندو آهي. ساڪياڪار ڪانهوءِ جيو ٻاڌت ٿي ويندو آهي. جيو جو جيوپڻو ڪونه رهندو آهي. شولتو ۾ پرگهٽ ٿي ويندو آهي.

ڪام ڏيو رکيءَ ساڻ ڀڳوان شو جي اڳيان ڪيترا نخرا ڪرڻ لڳو پر ڀڳوان شو کي پرواهه نه ڪري سگهيو. ڀڳوان شو ايترا آتمارامي آهن، اُنهن ۾ ايترو آنند آهي جو اُنهن جي اڳيان ڪام جو سک نه ڪجهه ڪونهي، تچ آهي. ڀڳوان شو جي مٿان ڪام جو ڪو اثر ڪونه ٿيو.

آهن. ٻرسديءَ جي ٻدران ٻرسدي تي وڃي، ڏهر ڏنو وڃي، ڦاسيءَ تي لٽڪايو وڃي ته ٻه گياني اندران ڏکي ڪونه ٿيندا آهن. ڇو جو انهن ڄاڻي ورتو آهي، سنسار ۾ جيڪو ڏنل، ٻڌل آهي، اهو نه جهڙو آهي سڀ سپنو آهي.

ڀڳوان شنڪر چون ٿا:

اُما ڪهون مئن آنڀو اپنا،

سنيه هري ڀڄن جڳت سڀ سپنا.

”तस्य प्रज्ञा प्रतिष्ठता।“ انجي ٻرگيا ٻرهم ۾ ٻرتشٺت ٿي وڃي ٿي.

اُن سادوءَ لاءِ مان ٿوري ڏير لاءِ چپ ٿي ويس ۽ پوءِ ان کي چيم: ”نولرانڪ ستڪيو آهي.“ ان چيو: ”ها سائين، توهان کي ڪيئن خبر پيئي؟“ مون چيو: ”ائين ئي خبر پئجي ويئي.“

توهان جو هردو شانت آهي ته ٻين جي چت ورتيءَ سان تداڪار ٿي وڃي ٿو. اها ڪا ڏکي ڳالهه ڪونهي. پاڻ کي چمتڪار لڳي ٿو، سنتن لاءِ ڪو چمتڪار ڪونهي.

توهانجو ريٻو جيڪڏهن ٺيڪ آهي ته واٻومنڊل ۾ هلندڙ ڪيس توهانکي ٻڌڻ ايندو. اهڙيءَ ئي نموني جيڪڏهن توهان جو انتهه ڪرڻ شانت آهي، ٻڌي استر آهي ته ٿي ويل ۽ ٿيڻ وارن قصن

١٥-١٦ سال ٻهرئين واراهي ۾ مون وٽ هڪ ساڌو آيو ۽ اچي ڏاڍو رنو. مون ان کان پڇيو:

"ڇا ڳالهه آهي؟"

هن چيو: "منهنجو سڀ ڪجهه هلي ويو. بابا جي، ماڻهو مونکي ڀڳوان وانگر مڃيندا هئا. هاڻي منهنجي سامهون ڪير اک کڻي به نٿو نهاري." ائين چئي هو وڌيڪ روئڻ لڳو. مون کانئس چپ ڪرائيندي وڌيڪ پڇيو ته چيائين:

"بابا! ڇا ٻڌايانو مان پاڻي نهاري ڏيندو هوس ته روئندڙ ماڻهو کلي پوندو هو. بيمار ٺيڪ ٿي ويندو هو. پر سائين، هاڻي منهنجي اها شڪتي الائي ڪيڏانهن هلي وئي. هاڻي مونکي ڪير به نٿو پڇي."

ٻڌيءَ جو موه پورو ويو ڪونهي. ٻڌيءَ جو تمس ٿورو ويو، رجس ٿورو ويو پر ٻڌي پوري پرماتما ۾ اسٿر ٿي ڪونه. پرماتما ۾ اسٿر ڪونه رهي انڪري پرلشنا ۾ اسٿر رهي هئي. پرلشنا هئي انڪري ٻڌي ته خوش رهڻ لڳي ۽ "مان ڀڳوان آهيان" ائين مڃي پرسن رهڻ لڳي. جڏهن ٻڌيءَ جي شڌي هلي وئي، ايڪاگرتا ناس ٿي وئي ته سنڪلپ جو سامرٿيه ختم ٿي ويو. ماڻهن نهارڻ بند ڪري ڇڏيو ته چوڻ لڳو، "سائين مان ڏاڍو پريشان آهيان."

گياني ڦاسيءَ ٿي لٽڪندي به پريشان ڪونه ٿيندا

گولاڪار ٽوهانجي اکين جي بلڪل سڌائيءَ ۾ رهي. روز هڪ ئي آستان تي ڪنهن مقرر وقت لاءِ ان گولاڪار جي سامهون ويهي رهو. پلڪ ڪيرائڻ کانسواءِ ٽوهانجي درشٽي ان گولاڪار جي پيلي ڪينڊر تي ٽڪايو. اکيون ٿوريون کليل يا پوريون بند نه هجڻ گهرجن

اکين جي بند رهڻ وقت ٽوهانجي شڪتي مدوراجه ۾ ناس ٿي ٿئي ۽ جيڪڏهن پوريون کليل آهن ته انهن دوران ٽوهانجي شڪتيءَ جا ڪرڻا ٻاهر وهي ناس ٿي ٿا وڃن، آتم شڪتي ناس ٿي ٿئي. ان ڪري ئي گاڏي، بس يا موٽرڪار جي مسافريءَ ۾ دريءَ کان ٻاهر نهارڻ سبب ٿوري دير ۾ ئي دماغ ٿڪجي پوندو آهي. اها جيون شڪتيءَ جي خرچ جي نشاني آهي.

اُن پيلي ٽبڪي تي درشٽي ايڪاگر ڪرڻ سان اکين دوران ڦهلجندڙ جيون شڪتي بچندي ۽ سنڪلپن وڪلپن جي پرمپرا ٽٽڻ لڳندي. سنڪلپن وڪلپن جي گهٽجندي اڌياتمڪ بل وڌندو. پهرئين ٥ منٽ، ١٠ منٽ، ١٥ منٽ ويهو. شروعات ۾ اکيون ٻوسرڻ وانگر لڳندو. اکين مان پاڻي وهندو. روز اٺ ڪلاڪ ويهڻ جو ابياس ڪريو. پوءِ نه ٽوهان ۾ اهڙا چمتڪار ڪرڻ جو سامرٿيه ايندو جو ٽوهان ڀڳوان وانگر پوڄيا ويندا ان سان گڏ جيڪڏهن آتم گيان نه رهندو، اهو ڀڳوان انت ۾ روئندڙ ڀڳوان ٿيندو، مڪت ڀڳوان ڪونه ٿيندو.

جسي خبر پئجي ويندي آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو والميڪ رشيءَ سؤ سال پهرئين راماڻ رچي ڇڏيو هو تڏهن رام کان يا وشنوءَ کان پڇڻ ڪونه ويا هئا. توهان ڇا ڪندا؟ اُٺوا ڪنهن جوتش جو حساب لڳائڻ ڪونه ويندا هئا. ٻڌي ايتري شڌ ٿيندي آهي جو زمان ماضي ۽ زمان مستقبل جون ڪلپنائون ڪونه رهنديون آهن. گيانيءَ لاءِ سدائين زمان حال آهي. تنهنڪري ماضي ۽ مستقبل جي خبر انهن کي پئجي ويندي آهي. انهن جي ٻڌي ڊگمگائجي ڪونه ٿي.

اُن سانڌوءَ ترانڪ سڌ ڪيو هو. ترانڪ سان ايڪاگرتا ايندي آهي ۽ ايڪاگرتا سان اِڇا شڪتيءَ جو وڪاس ٿيندو آهي، سامرٿيه اَڳي ويندو آهي. اُن ٿي اِڇا شڪتيءَ کي جيڪڏهن آتم گيان طرف نه موڙيو نه اها اِڇا شڪتي سنسار طرف گهلي ويندي.

ايڪاگرتا لاءِ ترانڪ جي وڌي هن ريت آهي:

هڪ چورس فوٽ جي پاٽي تي هڪ اڇو ڪاغذ لڳايو. اُن جي ڪيندر (وچم) ۾ هڪ رپئي جو سڪي جيترو هڪ گول آڪار ڪريو. اُن گولاڪار جي وچ ۾ هڪ ٽِڪي جيتري جڳهه ڇڏي باقي سڄي گولاڪار ۾ ڪارو رنگ ڀري ڇڏيو. وچين ٽِڪي ۾ پيلو رنگ ڀريو.

هاڻي اُن پاٽي کي اهڙي نموني رکو جيئن اُهو

ڌيان ڪرڻ واري جي ٻڌي وس ۾ ٿي وڃي اهڙو سنڪلپ ڪري ٽرائڪ ڪندا آهن ته سٺا سٺا ڀل ڀليا ماڻهو انهن جي وس ۾ ٿي ويندا آهن.

ان ۾ سڌن کي ٻه نقصان آهي ۽ سامهون واري کي ٻه نقصان آهي. ايڪاگرتا نيڪ آهي پر ايڪاگرتا جو اپيوگ سنسار آهي، ايڪاگرتا جو اپيوگ ڀوڳ آهي ته اها ايڪاگرتا سادڪ کي پتن جي پٽ تي پهچائي ٿي. ايڪاگرتا جو اپيوگ صرف پرماتما لاءِ هئڻ گهرجي.

ٽسو هئڻ پاپ ڪونهي پر ٽسن سان ڀوڳ ڀوڳڻ پاپ آهي. سٺا هئڻ پاپ ڪونهي پر سٺا هئڻ ڪري اهنڪار جو وڌي وڃڻ پاپ آهي. عقل هئڻ پاپ ڪونهي پر ان عقل سان ٻين کي ڪيرائي پنهنجي اهم کي سجائڻ وڏو پاپ آهي.

ڪيترا ماڻهو هميشه پريشان رهندا آهن. موڪي، اڌارمڪ ماڻهو پريشان رهن ان ۾ آشچريه جي ڳالهه ڪونهي پر ڪيترا ڀڳت به پريشان رهندا آهن. ڀڳت سوچي ٿو، منهنجو من استر ٿي وڃي، منهنجون اندريون شانت ٿي وڃن، منهنجا ادا! من شانت ٿي ويندو، اندريون شانت ٿي وينديون ته 'رام نام ست آهي...' ٿي ويندو. تن، من، اندرين جو سڀاءُ آهي حرڪت ڪرڻ، ڪريا ڪرڻ، ٻڌيءَ جو سڀاءُ آهي وچار ڪرڻ، من جو سڀاءُ آهي، سنڪلپ ڪرڻ پر

ايڪاگرتا سڀني تپسيائن جي راجا آهي.

ڀڳتي پرمپرا ۾ پوڄيه پاد ماڌواچاريه پرسڌ ٿي گذريا آهن. انهن چيو:

”هي پڀو! اسان تنهنجي پيار ۾ ايترا غرق ٿي چڪا آهيون جو اسان کان نه هاڻي مڪتي ٿو ٿئي، نه تيرٿ، نه سنڌيا ٿي ٿئي نه ترپڻ، نه مرگ شالا ٿي وڃائجي نه مالها ٿي گهمي... اسان تنهنجي پيار ۾ وڪامجي ويا آهيون.“

جڏهن پريما ڀڳتي زور پڪڙيندي آهي تڏهن ڪٽنبين جو، سنسارين جو، سماج جو موهه هٽي ويندو آهي پر پوءِ ڪرم ڪانڊ جو موهه به ڇٽي ويندو آهي. ڪرم ڪانڊ جو موهه تيستائين آهي جيستائين ديهه ۾ آتم بڌي آهي. سنسار ۾ آسڪتي هوندي آهي تيستائين ڪرم ڪانڊ ۾ پريتي هوندي آهي. سنسار جي آسڪتي هٽي وڃي، ڪرشن سان پريم جڙي وڃي آتم رام سان دل جڙي وڃي ته پوءِ ڪرم ڪانڊ جي هيٺين ليول جي ساڌنا ڪرڻ پسند نٿي اچي. ڪرشن جو ارٿ آهي آڪرشڻ وارو آنند سوروپ آتما.

ڪجهه سمپرداءِ وارا ماڻهو ترانڪ سڌ ڪري منهنجي شڪتيءَ جو اجايو اپيوگ ڪندا آهن. چمڙو ماري ان جو سرمو ٺاهي ان سرمي کي اکين ۾ پائي ڪنهن ماڻهوءَ کي چوندا آهن منهنجي سامهون نهاري ڌيان ڪر.

پيدا ٿي موهه ڪلام...

موهه ڪيترو آهي. ڪيترن ٿورو ٿورو ڪري ماڻهو پورو ڦاسي ناس ٿي وڃي ٿو.

لالجي مهاراج هڪڙا پوڙهو سنت آهن. انهن وٽ هڪ ساڌو آيو. جوان هو، ڏسڻ ۾ به نيڪ- ناڪ هو. لالجي مهراج سچا سنت آهن. سماج جا ماڻهو انهن کي آدر سان ڏسندا آهن.

هڪ دفعو هڪ نئين ڪنوار شاديءَ کانپوءِ جلدئي انهن جو درشن ڪرڻ آئي. لالجي مهاراج چيو: ڀڳوان جو درشن ڪر. هوءَ درشن ڪرڻ ويئي ته ان ساڌوءَ جي اک ان ڪنوار کي ٿي ڏسندي رهي.

ان ڪنوار جــي هلي وڃڻ بعد لالجي مهاراج ان ساڌوءَ کـــان پڇيو: ”مهاراج! توهان سنياسي آهيو. گرهستي ساڌڪ به پاڻ کي بچائيندو رهندو آهــي ۽ توهان ؟ اهو نيڪ نٿو لڳي ته ڪا جوان ڇوڪري اچي ۽...اندرين ٿي ذرا ظابطو هئڻ گهرجي...“

”ڪنن ۽ اکين دواران دنيا پنهنجي دل انـــدر گهڙندي آهي.“

هو ساڌو ڪاوڙجي ويو. ان کي اهنڪار هو مان ساڌو آهيان. مون ڳاڙها ڪپڙا پاتا آهن.

گهر ڇڏڻ وڏي ڳالهه ڪونهي، پر اهنڪار ڇڏڻ وڏي ڳالهه آهي. اهو ساڌو رسي هلي ويو. ان جو

اهڙو سنڪلپ ڪجي جو پنهنجا ٻڌل ڪٽجي وڃن.
ماڻهو چوندا آهن: مان شانت ٿي وڃان پتر وانگر.
منهنجو ڌيان لڳي ويو. جن جو ڌيان لڳي ٿو اهي
نه پريشان آهن ۽ جن جو ڪونه ٿو لڳي اهي نه پريشان
آهن. ڌيان جي رستي تي جيڪي ڪونه آيا آهن اهي
به پريشان آهن. انهن جون ورتيون پل پل ۾ پريشان ٿيون
ٿين. رجوتمو گڻ وڌي ويندي آهي.

يوگ ۾ ٻڌايو ويو آهي، چت جون پنج اوستائون
آهن: ڪشپت، وڪشپت، موڍ، ايڪاگر ۽ نروڌ. چت
پرڪرتيءَ جو اٽل آهي. اهو سدا هڪ ٿي اوستا ۾
ڪونه رهندو آهي. سدا ايڪاگر ڪونه رهي سگهندو
۽ سدا چنچل نه ڪونه رهي سگهندو آهي. ڪيترو نه
چلولڙو ماڻهو هجي پر رات جو ته هو به شانت ٿي ويندو.
ڪيترو نه شانت چت ماڻهو هجي پر انجو چت چنچل
ڪندو ٿي.

ڀڳوان شو جهڙي سماڌي نه ڪنهنجي لڳي ڪانهي
يوءِ نه ڀڳوان شو سماڌي مان اٿندي ڊمرو وڄائي نچن
ٿا. سرير، من ۽ سنسار هميشه بدلجندا ٿي رهن ٿا.
سک ـ دک اچن ٿا. دکن ۾ ٻڪڙ ڪونه رهندي آهي پر
سکن ۾ من موهجي ويندو آهي، هيءَ وستو هميشه
لاءِ اٽي رهي. سک ۾، ڏک ۾، سرڳ ۾ جهڪڙهن
آسڪتي آهي نه سمجهو بڌيءَ جو موه اچا ڇنو ڪونهي.
برهم گياني مهاپرش ڪي ڪنهن ۾ آسڪتي ڪونه
هوندي آهي. ڀڳوان شري ڪرشن چون ٿا:

ڏکي هئي. ٻار ۽ هئس. هن کي ڏسي مونکي ڏيا
اچي وئي. آجيوڪا لاءِ ڪو ساڌن هن وٽ ڪونہ هو
تنهن ڪري مون مٿس ڪرپا ڏرشٽي ڪئي. مائيءَ کي
چيلي بڻائي ڇڏيو. ٻارن کي پڙهائيندو آهيان."

تلاش ڪرڻ تي خبر پيئي تہ ان ساڌوءَ ان مائيءَ
کي پتني بڻايو هو ۽ ڪمائيندو ڪونهي انڪري ڳاڙها
ڪپڙا پائي گهمندو ٿو رهي.

ڪيڏو تيجسوي ساڌو هو! استريءَ طرف صرف
ٿورو نهاريائين بہ ڪجهہ نہ.

اکين سان هيڏانهن هوڏانهن ڪجهہ ڏسو ٿا يا ڪن
سان ٻڌو ٿا تہ جيڪڏهن ٻڌيءَ ۾ ٿورو بہ موهہ آهي
تہ اهو وڌندو ويندو. آتم گيان ڪونہ ٿيو آهي ۽
جيستائين سرير رهي تيستائين ڀڳوان کي پرارٿنا ڪندا
رهو: هي پرڀو! مونکي هن موهہ جار مان ڇڏائيندو رهہ.

ڪيترن کي ڀرانتي ٿي ويندي آهي مونکي
ساڪيا ٽڪار ٿي ويو آهي. مونکي آتم شانتي ملي
وئي آهي

ڀاونگر کان اٽڪل ١٥-٢٠ ڪلوميٽر پري گئوتمشور
نالي استان آهي. اتي هڪڙا تياڳي ساڌو رهندا هئا.
ماڻهن جي ڀيڙ کي ڏسي ايڪانت ۾ هليا ويندا هئا.
سنسار کان وئراڳيون. ڪجهہ ساڻ ڪونہ رکندا هئا. هڪ

چوڻ هو، "ڀڳوان اکيون ڏنيون آهن ڏسڻ لاءِ، سندرتا ڏني اٿائين ڏسڻ لاءِ ئي. خالي ڏسڻ ۾ ڇا ٿو وڃي؟ مان اُن سان ڳالهايو ته ڪونه، سپرش ڪونه ڪيو."

ماڻهو ترڪ ڏيڻ چاهي ته ڪهڙا به ڏيئي سگهي ٿو. اڙي منهنجا مٽا! ڀرٿين ڀرٿين اٿين ٿيندو ئي آهي، ڏسڻ ۾ ڇا ٿو وڃي؟ هڪ پيالي شراب پيئڻ ۾ ڇا ٿو وڃي؟ پر اها موهه ڄار اهڙي عجيب ڄار آهي جو ان ۾ هڪ دفعو پير ڦاٿي ويو پوءِ جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو تيئن تيئن وڌيڪ ڦاسندا ويندا.

اهو ساڌو ان وقت رستي هليو ويو پر وقت بادشاه آهي. گهمندي گهمندي ڇهين اٺين مهني کانپوءِ اهو ساڌو ڏٻرو، ڪمزور، منهن ۾ ڪنڌون پيل، ڏڍن هين حالت ۾ لالجي مهاراج وٽ آيو. انهن سڃاتس به ڪونه. ڀرٿين سوامي اٺجي ايندو هو. هاڻي پڪاري اٺجي پڇي رهيو آهي، "مان اچي سگهان ٿو؟"

لالجي مهاراج: "اچو، اچو."

"مونسان گڏ ٻي موڙيون ٻيون به آهن."

"انهن کي به سڏ ڪر."

هڪ ساڌوءَ جهڙي استري ۽ ٻه ٻار به آيا. ساڌوءَ جي سڃاڻپ ڏيڻ تي لالجي مهاراج پڇيو: "ته پوءِ هي ڪير آهن؟

ساڌوءَ وراڻيو: "هيءَ وڏا ماڻي هئي. ويچاري

پيٽ ۾ ڌارمڪ ھئڻ گھرجي پنھنجي پيٽ ۾ اندري ڀمتا ھئڻ ڪري ئي دکي ٿو ٿئي. ڀڳوان جا پيارا جيڪي ڀڳت آھن، ايشوري تتو کي ڪجھ سمجھن ٿا انھن کي ڪو آگرھ ڪا پڪڙ ڪونہ ھوندي آھي. پيٽ کي جلدي اُٿارڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿا پر پيٽ اٿو اُتي نہ چت ۾ دکي يا پريشان ٿيا ٿين.

ڪنھنجو تياڳ پرڌان جيون ھوندو آھي، ڪنھنجو وھنوار پرڌان جيون ھوندو آھي، ڪنھنجو موَن پرڌان جيون ھوندو آھي. گيان ٿيڻ ڪانپوءِ بہ گيانيءَ جو جيون سڀاوڪ ھلندو آھي. پر ڌارمڪ ماڻھن کي اندري چنتا ۽ پريشاني ٿيندي آھي جو: اَڙي، شڪديو کي لنگوٽيءَ جي بہ خبر ڪونہ رھندي ھئي، اھڙو آنند ۾ مست ھوندا ھئا. اسان جو ڌيان اھڙو ڪونہ ٿو لڳي. شڪديو جھڙو اسانجو ڌيان لڳي.

ھزارين سال پھرين جو انسان، ھزارين سال پھريئين جو واڻاورڻ ۽ ڪيترن جنمن جا سنسڪار ھئا. انھن کي اڄ ئين ٿيو. انھن کي لکش ھٽائي ھلندا آھن ھلو پر لکش ھٽائي وکشيپ کي نہ پراپت ٿجو. ٿئي وڃو نہ ٿي وڃو، نہ ٿيو نہ نہ ٿيو پر چت کي پرساد سان ڀورڻ رکو. اھڙو ڌيان لڳي وڃو تہ بہ سٺو. جنھن پرماتما ۾ شڪديو جي اکي ھلي ويا، وسشٽ جن اکي ھلي ويا، رام اکي ھلي ويا، ڪرشن اکي ھلي ويا اھو

اڌ ڪپڙو ٽن تي ٻهريندا هئا. ناراڻ اُنهن جو نالو هو ۽ ناراڻ جا ڀڳت هئا.

هو ٻهڻجي جيون ڪال ۾ انت ۾ دکي ٿي مري ويا. مون ڇيو: ٽياڳي هئا. ڀڳوان جا ڀڳت هئا ته دکي ٿي نه مرن ها. ماڻهو انهن کي دک ڏيئي سگهن ها پر هو دکي نه ٿين ها.

تڏهن ماڻهن ٻڌايو: هو گهمندي گهمندي گرنار ويا. اتي ڪنهن اگهوريءَ کي ڏٺائون. سوچيائون: ذرا حقو پيئڻ ۾ ڇا ٿو وڃي؟ هڪ ٿوڪ ڏيڻ ۾ ڇا ٿو وڃي؟ ٿورو تماڪ کائڻ ۾ ڇا ٿو وڃي؟ انهن تماڪ ته کاڌو، ڀنگ به پيتي، حقو به چکيائون، سگريٽ به پيئڻ لڳا. پوءِ اشانت ٿي آپگهات ڪري مري ويا.

پيتوا ۽ وهمڻي هديرا سنسار پوتو اُڌمڻ

برا ماڻهو دکي ٿيندا ٿي آهن پر ڀلا ماڻهو وڏا آتم گيان ڪاڻ واء پراسٿتين ۽ پريشان ٿيندا ٿي رهندا آهن. هڪ پيءُ فرياد ڪري ٿو، ”مان صبح جو جلدي اُٿندو آهيان، پوڄا پاٺ ڪندو آهيان. گهر جا ٻيا سڀ پالي ۽ جلد اُٿندا آهن پر هڪ نوجوان پٽ ڪونه اُٿندو آهي. ڏاڍو دشٽ آهي.“

اهو موهه آهي. ”مهندو“ پٽ جلدي اٿي. ڪيترن جا پٽ ڪونه ٿا اٿن. انهن لاءِ ڪا حرڪت ڪونهي پر ”مهندو“ پٽ جلدي اٿي. مان ناٽڪ آهيان، مهندو

آهي. گيانيءَ کي مزو ۽ نه مزو ڪونه ٿيندو آهي. هو نه مستوام آهن.

سنساري ماڻهو ابر ڪاوان هوندو آهي. پامر ماڻهوءَ کي جيترو راڳ هوندو آهي اوترو دويش هوندو آهي. ڀڳت هوندو آهي راڳي. ڀڳوان راڳ ڪندو آهي، آرتي پوڄا ۾ راڳ ڪندو آهي، مندر مورتيءَ ۾ راڳ ڪندو آهي. جگياسوءَ ۾ هوندي آهي جگياسا. گيانيءَ ۾ ڪجهه ڪونه هوندو آهي. مزي جي ڳالهه آهي گيانيءَ ۾ سڀ ڏسبندو پر گيانيءَ ۾ ڪجهه هوندو ڪونه آهي. گيانيءَ سڀ مان پسار ٿيندو آهي.

ٻڌيءَ کي شڌ ڪرڻ لاءِ آتم وچار جي ضرورت آهي، جپ جي ضرورت آهي، ڌيان جي ضرورت آهي. ٻڌي شڌ هجي ته جيئن پاڻ کان دور ٻئي سرير کي ڏسندا آهيو اهڙي ئي نموني پنهنجي سرير کي به توهان پنهنجو پاڻ کان الڳ ڏسندا. جيئن ٻيا سڀ سرير مونکان الڳ آهن اهڙي نموني آشارام به مونکان الڳ آهي. اهڙو انڀوُ جيستائين ڪونه ٿيندو تيستائين ٻڌيءَ مان موهه ڪونه ويندو.

تورو موهه هٽڻ تي لڳي ٿو: مونکي زالن ۾ موهه ڪونهي، استريءَ ۾ موهه ڪونهي، مڪان ۾ موهه ڪونهي، آشرم ۾ موهه ڪونهي، ڪنهن ۾ به موهه ڪونهي. ٺيڪ آهي. پر پرتشٺا ۾ موهه آهي يا نه؟

پرماتما هاڻي توهانجي آتما آهي. اهڙو گيان جيستائين نه ٿو ٿئي تيستائين موه نه ٿو وڃي.

تلسيداس جن فرمايو آهي:

موه سڪل وياڌي نه ڪر مولا
تانتي اُپجي پني ڀو شولا

موه سڀني وياڌين جو مول آهي، ان سان ڀؤ جو سول يعني ڪشٽ وري پيدا ٿيو ٿئي. تنهنڪري ڪنهن به وستوءَ ۾ ممتا رهي، آسڪتي رهي، موه رهيو ته سمجهو مئا. ڪنهن به پراسٿيءَ ۾ موه نه هئڻ گهرجي.

”اَڄ آرتيءَ جـي گهنڊ ٽي وڄائي، پرارٿنا ڪئي. ڏاڍو مزو آيو! آها.. ! روز ائين آرتيون ڪجن، گهنڊيون وڄائجن ۽ مزو ايندو رهي..“ روز ائين ڪاڏ نيندو. جنهن وقت سشمڻا جو دوار کليندو آهي، ميوريه ستو هوندو آهي. پڊيءَ ۾ سالوڪتا هوندي آهي اُن وقت آرتي ڪرڻ ڪري مزو ايندو آهي. جنهن وقت سرير ۾ رجو تمو گڻ هوندو آهي، ڪجهه کاڌو پيتو هوندو آهي، سرير ڀاري هوندو آهي، پراڻ هيٺ هوندا آهن اُن وقت آرتي ڪرڻ سان مزو ڪونه ايندو.

مزو اَچڻ نه اَچڻ آتما جو سڀاءُ ڪونهي، چدآڀاس جو سڀاءُ آهي، جيو جو سڀاءُ آهي. مزو جيو کي ايندو

جن کي ويھڻ جو ٽڪاڻو ڪونھي. ٽاريءَ تي رھن ٿا، ٻي پل ڪٿي ويندا، ڪا خبر ڪانھي. اھڙا ٻکي ۽ آنند سان رھن ٿا. ڇا کائيندا، ڪٿي کائيندا؟ ڪوپتو ڪونھي. انھن جو ڪو ڪارڻ، ڪرم ڪونہ ھوندو آھي ۽ فلاڻي ھنڌ اسانجي روزي آھي. پوءِ بہ جيئن ٿا. ھڪ وچان ڪونہ مرندا آھن. رھڻ لاءِ استان نٿو مٿين انڪري ڪونہ مرندا آھن. جڏھن موت ايندو آھي تڏھن مرندا آھن.

مردي ڪو پريو ديت ھئہ ڪپڙا لڪڙا آگ،
جندا نر چنتا ڪري تانڪي بڙي آڀاگ.

چنتا ٿي اگر ڪرڻي اٿو تہ ان ڳالھہ جي ڪريو، ھڪڙن سالن جي ڌروءَ کي وئراڳ لڳو، پرھلاد کي وئراڳ لڳو ۽ مون کي ڇو نہ ٿو لڳي؟ رامتيرٿ کي ۲۲ سالن ۾ وئراڳ لڳو ۽ پرماتما کي پاتائين ۽ مونکي ۲۵ سالن ٿيا آھن، ۴۰ سال ٿيا آھن. ۴۵ سال ٿيا آھن ۽ وئراڳ ڪونہ لڳو آھي؟ سنسار جي چاھہ اڃا بہ ٿي ڪجي! سنسار جي ناسوان ڌن جي وصول ڪرڻ جي چاھنا آھي!

اھڙو ڌن پراپت ڪري وٺو جو برھماجيءَ جو برھم پد، ڪبير جو ڌن، اندر جو وڀوُ توھانجي اڳيا تچ لڳي. توھان ۾ اھڙو سامرٿيہ آھي.

نہ ھوءَ ودياڌري پٿر جي شلا مان ٻاھر اچي

ذرا ان کي ڳولهيو- ڏسو ته ٻوٽو آهي يا نه. ذرا اهو ڇڪيو. ٻيا ٻوٽا نٿي وڌندا پر ڏسو جو ٻوٽو جلدي نٿو نٿي، لوڪيشنا جو ٻوٽو جلد نٿو نٿي، تن جو ٻوٽو نه جلدي نٿو نٿي.

ٻيا وڻ ٻج ئي ڌنل آهن. سنسڪ ۾ وڇٽو آهي ڳرو ٻاهر وڇٽا آهن. ڇا ڪجي؟ وڻ ٻج ئي جن کي ٻنسا ڌنل آهن ڪيڏانهن ٻڃي وڃن ٿا؟ اڙي، هو ڇا ٻڇندو؟ ٻڃي ٻڃي ته ڪيستائين ٻڃندو؟ مساڻن ۾ ئي نه؟ ٻ تون ڪيترو گڏ ڪر آخر سڀ مساڻن ۾. ڪو ڪاڻي نٿو ٻڃي سگهي. ڪو ڪجهه ڪٺي نٿو ٻڃي سگهي. سڀ هٿي جو هٿي ئي رهجي ويندو. صرف ٻڌي ۾ ممتا آهي، هي منهنجا ٻنسا، هي منهنجا فرزند. اهو صرف ٻڌي جو ڪيل آهي. ٻڌيءَ جا اهي راند ڪا ڪيستائين سنڌا لڳن ٿا جيستائين پرماتما جو ٺيڪ اپڙ ڪونه ٿيو آهي.

پکين کان ٿورو سکو- انهن کي اڄ ڪانڌ ناء آهي. سياڻي جو پتو ڪونهي. نه ته وڻ جي ڏاريءَ تي وينا گيت ڳائيندا آهن، ڪوالهل مچائيندا آهن. ڪڏهن ڪٿي ويندا، ڪا ڄاڻ ڪانهي. ۽ وري به نشڪر جيون جيئندا آهن.

انسان کي رهڻ لاء گهر آهي، کائڻ لاء اناج آهي مهني پر جو، سال پر جو. پوءِ به اشانتي!! سامان سؤ سال جو، پتو پل جو نه.

ڏيکاريندي چيو: ”هو منهنجا پٽ آهن. هنن کي سنسار کان ويراڳ آهي. هاڻي مون ڏانهن اک کڻي به نٿا نهارين.“

جڏهن يوگيءَ اکيون کوليون تڏهن وديادريءَ چيو ”هي وسشٽ مهاراج آهن. ٻي سرشٽيءَ مان آيا آهن. رام جا گرو آهن. مهاپرشن جو سواگت ڪرڻ سرشٽ پرشن جو سڀاو آهي. هنن جو اَرگهه پاديه سان پوڄن ڪريو.“

اُن يوگيءَ وسشٽ جن جو سواگت ڪري چيو: ”هي برهمڻ! هيءَ سرشٽي مون منهنجي اڇا شڪتيءَ سان ٺاهي آهي. پتنيءَ جي اڇا ٿي ته سنڪلپ سان پتني به ٺاهي. پوءِ ڏٺم جنهن پرماتما جي سٽا سان سنڪلپ دوارا اهڙي گهڻا گهڻي سگهي ٿي ته ان پرماتما ۾ ٿي ڇو نه استر ٿجي؟ مان پنهنجي چت ورتيءَ کي سميٽي، پرمانند ۾ مست رهي آتم شانتيءَ ۾ ويٺي آيس. هاڻي ڪو ڀوڳ ڀوڳڻ جي اڇا ڪونهي ۽ سرشٽي هلائڻ جي به منهنجي اڇا ڪونهي.

منهنجي سيوا ڪندي هن استريءَ ۾ به ڌارڻا شڪتي سڌ ٿي ويئي آهي، اڇا شڪتي انوسار گهڻا نون گهڻجن تيون پر هنجي پڌيءَ مان اڇا ٺائين موه ڪونه ويو آهي. هن کي ڀوڳ جي اڇا آهي. ڀوڳ هميشه پنهنجو ناس ڪرڻ ۾ لڳل رهندا آهن. توهان هنکي آشيرواد ڏيو ته ڀوڳ جي اڇا هنجي ناس ٿئي،

وسشٽ جن کي چئي رهي آهي: ”مهاراج، اچو.“

وسشٽ جن چيس: ”مان نه ٿو اچي سگهان.“

جڏهن جي ڌارڻا شڪتي سڌ ٿي ويئي آهي اهو سرير سان پٿر جي اندر پرويش ڪري سگهندو آهي. سوکيم سرير جي ساڌنا ڪونه ڪيل آهي ته مٿو ڦاڙي پويس ته به اندر پرويش ڪري ڪونه سگهندو. سرنگ ڌاهڻ ڪانسواءِ ماڻهو يوگ جي ڪلا سان پهاڙ مان آرپار پسار ٿي سگهي ٿو. اهڙي شڪتي توهان سڀني جي اندر لڪل آهي. ان شڪتيءَ جو وڪاس ڪونه ڪيو ويو آهي. استول سرير کي مان مڃي ويٺا آهيو تنهنڪري شڪتي به استول روپ ٿي ويئي آهي.

پاڻي جڏهن ٻاڦ جي روپ ۾ اچي ٿو تڏهن سنهڙي سوراخ مان به نڪري وڃي ٿو ۽ جڏهن اهو پاڻي ٿڌو ٿي برف جي روپ ۾ اچي ٿو ته اهو برف جو پاوسل نديون وڏيون دريون مان به نڪري نٿو سگهي. اهڙي نموني توهانجي چت ورتي جيڪڏهن استول آهي ته به ان ۾ گتي ٿئي ٿي ۽ جيڪڏهن سوکيم آهي ته گتي سولائيءَ سان ٿئي ٿي.

وسشٽ مهاراج ان وديارٿيءَ جي چت ورتيءَ سان پنهنجي چت ورتي ملائي ڇڏي ۽ شلا ۾ داخل ٿيا. هن سرشٽيءَ کان هڪ ٻين سرشٽيءَ ۾ پهچي ويا. اتي ان وديارٿيءَ سماڌي ۾ اسٿت هڪ يوگيءَ کي

گيان يوگ

* جنهن کي جيو ۽ جڳت مٿيا ٿو لڳي اُنلاءِ گيان مارگ آهي، جنهن کي سَتيہ ٿو لڳي انلاءِ يوگ مارگ آهي.

* جنهن جي انتہ ڪرڻ ۾ راڳ - دويش آهي اهو چاهي آتما اَناتما جو وويڪ ڪري چاهي چت جو نروڌ ڪري، اُنکي گيان نشٺا نہ ٿي ٿئي.

* اِستول ڪامنائن جو نـاس ايڪانت سيون سان ٿيندو آهي. سمڌي ۾ جيڪي سوکيم ڪامنائون ڏسڻ ۾ ايندِيون آهن انهنجو ناس ايشور جي ڌيان سان ۽ سڀين واسنائن جي اڀياس سان ٿيندو آهي.

* وکشيپ اُتپن ڪرڻ وارن ڪرمن جو تياڳ سنياس آهي. گيروا ڪپڙا پائڻ ماتر سان ڪو سنياسي ڪونہ ٿيندو آهي. گارگي، وياڌ، وسشٽ وغيره سنياسيءَ جا وستر ڌارڻ ڪونہ ڪيا هئا ۽ گياني هئا.

* پرا ڀڳتيءَ جو ارٿ آهي دويت درشٽي رهت رهڻ.

* جنهن ورتيءَ ۾ چت جو نروڌ ٿو ٿئي ۽ ايڪاگر اوسٿا ٿي اچي ان کي ساتوڪي ورتي چئجي ٿو.

* ساتوڪ سنياس وئراڳ ڪري ورتو ويندو آهي، راجسي سنياس ڪايا ڪليش ۽ ڏک وچان ورتو ويندو

وڃي ۽ پرماتما ۾ چت ورتي لڳي وڃيس ۽ هاڻي مان
هيءَ سرشٽي ڌارڻ جو سنڪلپ سميٽي رهيو آهيان.
توهان جلد ئي جلد هن سرشٽيءَ مان ٻاهر نڪري وڃو.
منهنجي سنڪلپ ۾ هيءَ سرشٽي اسٿت آهي. سنڪلپ
جي سميٽجندي هنجي پرلئه ٿي ويندي."

وسشٽ جن فرمائين ٿا: "مان هن سرشٽيءَ مان
روانو ٿيس ۽ منهنجي ڏسندي ڏسندي ان برهما
پنهنجو سنڪلپ سميٽيو ته سرشٽيءَ جو پرلئه ٿيڻ لڳو.
سورج تپڻ لڳو، پرلئه ڪال جي هوا لڳڻ لڳي، پهاڙ
ٽٽڻ لڳا، ماڻهو مرڻ لڳا، وڻ سڪڻ لڳا، ٻڪي ڪرڻ
لڳا هئا."

توهانجي اندر اها پرماتما شڪتي اهڙي آهي جو
جيڪڏهن ان جو وڪاس ڪيو وڃي ته توهان به اهڙا
شڪتيءَ سان نئين سرشٽي ٺاهي سگهو. هر انسان ۾
اهڙي طاقت آهي. پر موه جي ڪارڻ، ڀوڳ واسنا جي
ڪارڻ نئين سرشٽي ته ڪونه ٿي ٺاهي سگهجي پر گهر ٺاهڻ
لاءِ اُن ٿي وڃي پوي. اها ته ملي ڪانه ٿي، ڌڪا ٿا
کائڻا پون.

* جيئن مٽڪي جو آڪاش مھاڪاش جي روپ ۾
سدائين آهي تيئن آتما پرماتما جي روپ ۾ سدائين آهي.
گلي ۾ هار نتيه پراپت آهي پر وسري وڃڻ ڪري اهو
اَپراپت وانگر لڳي ٿو. ياد ايندي ئي هار حاصل ٿي
ٿو وڃي اهڙي ئي نموني اگيان جي پردي هٽندي
ماتر سان آتما جي پراپتي ٿي وڃي ٿي. آتما نتيه پراپت
هئي اهڙو گيان ٿئي ٿو.

* اگيان دشا اَپــاڌي اُتپن ڪري ٿي ۽ گيان دشا
اَپاڌيءَ جو ناس ڪري ٿي.

* آتما جو سک پنهنجي ٻڌيءَ جو پرساد ملڻ ڪري،
ٻڌيءَ جي نرمل ٿيندي، رجو- تموگڻ جي ناس ٿيندي
اتپن ٿيندو آهي. آتما جو سک وشيه سک جي سنگ سان
پراپت نہ ٿيندو آهي ۽ نڊ ۽ آلس ڪري بہ ڪونہ
ملندو آهي.

* جنهنجو من سڀني ۾ برهم ڀاءُ ڪري درڍ اسٿت
آهي ان هن جنم ۾ جيت پائي.

* برهم گياني هر هنڌ برهم روپ ڏسندي پرتيڪول
اسٿتين ۾ بہ برهم ۾ اسٿت هوندا آهن.

* شري ڪرشن چون ٿا: ”سٿت مهنجو چنتن
ڪرڻ وارن کي مان ٻڌي يوگ ڏيندو آهيان.“ هتي
ٻڌي يوگ جو ارٿ آهي گيان نشٺا. اهڙي نشٺا جڏهن
ايندي آهــي تڏهن جيئن نديون پنهنجو نالو روپ

۽ تامسي سنياس موڪتا سبب ورتو ويندو آهي.

* جيئن ڏنڊو ٻـاڙڻ لاءِ تيل، ڪهہ، اگني وغيره ضروري آهن تيئن "تتومسي" مها واڪيہ دواران آتمن ٿيندڙ برهماڪار ورتيءَ لاءِ شروڻ، منن، ڌيـان، شم، دم وغيره ڪرم ضروري آهـن. هڪ دفعو برهماڪار ورتيءَ جي آتمن ٿيندي هوءَ اگيان جو ناس ٿي ڪري ڇڏي. اها برهماڪار ورتي پنهنجي وشيہ کي پرڪاشت ڪرڻ لاءِ ڪنهن ڪرم يا ابياس جـي ضرورت نٿي رکي. هڪ دفعو مٽڪي جي ڄاڻ ٿي وڃي تہ اُنکي دريہ ڪرڻ لاءِ مٽڪي جي آڪار کي بار بار ڏسڻ يا ڪرم جي ضرورت نٿي رهي.

* مرگہ جل ڏسڻ جو آنند ناس ٿي وڃي تہ تتوگياني پرش انلاءِ شوڪ نٿا ڪن. جڳت جو ڪوبہ ڀاو تتوگيہ جي چت ۾ پنهنجو پرڀاو نٿو ڄمائي سگهي.

* آتما نتيہ هئڻ ڪري مٽڪي يا جيو جدئن وانگر اُتپن ڪونہ ٿي ٿئي. نديءَ کي سمنڊ پراپت ٿو ٿئي انهن آتما پراپت ڪونہ ٿي ٿئي، ڇوجو هوءَ هرهنڌ آهي. کير ۾ وڪار ڪري ڏهي ٿيندي آهي اهڙي نموني آتما ۾ وڪار ڪونهي. سون جـي شڌيءَ وانگر آتما کنهن سنسڪار جي ضرورت نٿي ڪري، ڇوجو هوءَ اچل آهي. اُتپتي، پراپتي، وڪرتي ۽ سنسڪرتي اهي ڌرم ڪرم جا آهن.

گيان گوشٽي

پر:- تياڳ، وئراڳ، اپرتيءَ ۾ ڪهڙو ڀيد آهي؟

اُتر:- وشين کي سامهون نه اچڻ ڏيڻ تياڳ آهي، وشين جي سامهون هوندو انهن ۾ پريم نه هجڻ وئراڳ آهي، وشيه جي سامهون هوندي ان ۾ نه ڀوڳ ڀائي هجي نه دوش ڀائي هجي اها اپرتي آهي.

پر:- وئراڳ گهڻن قسمن جو ٿيندو آهي؟

اتر:- رواجي طرح گڻ- ڀيد ڪري وئراڳ ٽن پرڪارن جو ٿيندو آهي.

(۱) جيڪو وئراڳ سنسار کان نفرت ۽ ڀڳوان سان پريم هجڻ ڪري ٿيندو اهو **ساتوڪ** آهي.

(۲) جيڪو پرستي ۽ پرشنا جي دوشٽيءَ سان وئراڳ هوندو آهي اهو **راجسي** آهي.

(۳) جيڪو سيني کي پاڻ کان گهٽ سمجهندو آهي ۽ پاڻ کي سيني کان مهان سمجهندو آهي اهو **تامسي** وئراڳوان آهي.

يوگ درشن ۾ پر ۽ اپر ڀيد ڪري ٻن پرڪارن جا وئراڳ ٻڌايا آهن ان ۾ اپر وئراڳ چئن پرڪارن جو آهي.

(۱) يتمان: جنهن ۾ وشين کي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي پر وشيه ڇڏي نٿا سگهجن اهو يتمان وئراڳ آهي.

(۲) ويتيريڪ: شبد وغيره وشين مان ڪيترن

ڇڏي سمنڊ ۾ پرويش ڪنديون آهن تيئن ڀڳت ڀڳوت سروپ ۾ پرويش ڪندو آهي

* ڀاهہ، جون چڻگون ڀاهہ جو روپ ئي آهن، انش ڪونہ آهن. تيئن جيو بہ برهم ئي آهي، برهم جو انش ڪونهي. نہ انش سروپ ۾ انش - انشيءَ جي ڪلپنا ڪونہ ئي رهي. انش ڀاؤ ڪلپت اپاڌي جو سويڪار ڪرڻ ڪري جيو ٿو وڃي.

* ديہ جو اپاڌان ڀوت اوديا جي ناس ٿيندي ڪجھہ عرصي تائين گيانيءَ کي ديہ جو ڀان رهندو آهي. ان جيون مڪت اوستا کي ڌيان ۾ رکندي ڀڳوان چيو آهي تہ گياني ۽ تتو درشي پرش جگياسن کي گيان ڏيندا آهي.

* ننڊ ۾ سمهيل ماڻهوءَ کي ڪير اُنجو نالو ڪڍي سڏ ڪندو آهي تہ هو جاڳي پوندو آهي، اُن کي جاڳائڻ لاءِ ڪنهن ڪريا جي ضرورت ڪونهي. تيئن اگيان ۾ ستل جيو پنهنجي نج آتما جا گڻ گان ٻڌندي جاڳي پوي ٿو.

دتاتريه ۽ سڌ جو سنواد

(انڀو پرڪاش)

هڪ راجا ڪپل منيءَ جو درشن ۽ ستسنگ ٻڌندو هو. هڪ دفعو ڪپل منيءَ جي آشرم ۾ راجا ڪانسواه دت، سنڪند، لومش ۽ سڌ ٻ گهمندي گهمندي پهتا. اتي هنن سنتن جي وچ ۾ گيانگوشٽي ٿيڻ لڳي. هڪ ڪمار سڌ چيو:

"جڏهن مان يوگ ڪندو آهيان تڏهن پنهنجي سوروپ کي ڏسندو آهيان."

دتاتريه: "جڏهن تون سوروپ کي ڏسڻ وارو ٿئين ته سوروپ کان تون الڳ آهين. هي ٻڌيءَ ۾ ڀرمندڙ! يوگ ۾ تون جيڪو ڪجهه ڏسين ٿو اهو درشيه ٿي ڏسين ٿو. تنهن ڪري تنهنجو يوگ درشيه آهي، تون انهو درشتا آهين. اڌيا'مڪتا ۾ تون اڃا ٻار آهين. ستسنگ ڪر، جنهن سان تنهنجي ٻڌي نرمل ٿئي."

ڪمار: ٺيڪ چئو ٿوهان. مان ٻار آهيان ڇو جو من واٽي، سرير سان سڀ ليلائون ڪندي به مان اسنگ چيتن سک - دک کي نٿو پراپت ٿيان. تنهن ڪري ٻار

مان راڳ نڪري وڃي پر ڪيترن مان نٿو نڪري اهو وائيڪ ونراڳ سمجهڻ گهرجي.

(٣) ايڪيندريه: من تي هڪ اندري آهي. جڏهن اندرين جي وشين جو آڪرشڻ ته نه رهي پر من ۾ انهن جو چنتن رهي اهو ايڪيندريه ونراڳ آهي. هن اوستا ۾ پرڳيا جي ٻل سان تي من ۽ اندرين تي ظابطو رهي ٿو.

(٤) وشيڪار: وشيڪار ونراڳ هئڻ تي مـن ۽ اندريون پنهنجي اڌين رهن ٿيون ۽ انيڪ پرڪارن جا چمتڪار ۽ ٽين تا اوستائين اپر ونراڳ آهي. جڏهن گڻن جو آڪرشڻ نه رهي، سروگيتا ۽ چمتڪارن کان ۽ ونراڳوان ٿئجي، سـوروپ ۾ استٿي رهي ٿـي تڏهن پر ونراڳ چوائجي ٿو. اتوا ايڪاگرتا ڪري جيڪو سک ملي ٿو انهو ۽ تياڳ ڪرڻ، گڻاتيت ٿي وڃڻ ٿي پر ونراڳ آهي.

ونراڳ جا ۽ ڀيد ٻيا ۽ آهن: ڌنهه کان ونراڳ ۽ گهر کان ونراڳ.

سڀ کان ونراڳ سڀ کان اوچو ونراڳ آهي ۽ آهستا هستا کان متي ٽيڻ ٺئي نمبر جو ونراڳ آهي.

ماڻهن کي گهر مان ته ونراڳ لڳندو آهي، پر سڀ مان ونراڳ ٿيڻ مشڪل آهي. ان کان ۽ ڏکيو آهي سڀ جو آهست ٻاو انهو ڪرڻ. اهو ته سنگرن جي ٿي ڪرپا ڪري ڪنهن کي پراپت ٿيندو آهي.

ڪمار: ”يوگي هڪ ساهه ۾ امرت پان ڪندو آهي. سوهم جو جپ ڪندو آهي، سک پائيندو آهي.“

ڏاتريه: ”هي پُٽ! تنهنجي گيان ته ڪل ئي اچي سک سوروپ آتما کان الڳ يوگ وغيره مان سک تون چاهين؟ ڳچ ڪي شرم اچڻ گهرجي پاڻ کان الڳ ڳراڙي مان ٻڌرتا چاهي، چت جي ايڪاگرتا رڳي يوگ دواران تون پاڻ کي سکي ڪرڻ ٿو چاهين ۽ يوگ ٻنا دکي ٿو ڀانئين؟ گياني يوگي ايوگ ٻنهي کي پنهنجو درشيه ٿي ڀانئيندو آهي. يوگ ايوگ سڀ من جا خيال آهن. يوگ روپ من جي خيال ڪري مان چيتن ڀرپين کان ئي سک روپ ست آهيان. سک لاءِ مونکي يوگ ڇو ڪرڻو پوي؟ مان سک روپ آهيان.

جيئن پنهنجي سرير جي پراپتيءَ لاءِ ڪو يوگ نٿو ڪري ڇو جو يوگ ڪرڻ کان اڳ ئي سرير آهي.“

ڪمار: ”يوگ جو ارٿ آهي ڳنڍجڻ، هي سنڌڪ برهما وغيره سوروپ ۾ لين ٿين ٿا اهي يوگ دواران سوروپ کي پراپت ٿين ٿا.“

ڏاتريه: ”جڏهن سوروپ ۾ برهما وغيره لين ٿين ٿا ان سوروپ کي گياني پنهنجو آتما ڀانئيندو آهي. هي سڀ! مٿيا نه ڄاڻڻا. گيان ۽ يوگ جو ڪهڙو سنيوگ آهي؟ يوگ ساڌن روپ آهي ۽ گيان انجو ڦل روپ آهي. گيان ۾ ملڻ وڇڙڻ ٻئي ڪونه آهن. يوگ ڪرڻ جي اڌين آهي ۽ ڪرتا روپ آهي.“

آهيان. پر يوگ جي ٻل سان جيڪڏهن مان چاهيان هن شرير جو تياڳ ڪري ٻئي شرير ۾ پرويش ڪري سگهان ٿو. ڪنهن کي وردان يا شراپ ڏيئي سگهان ٿو. عمر کي گهٽ وڌ ڪري سگهان ٿو. ان پرڪار جي يوگ سان سڀ سامرٿيه سلڀ ٿئي ٿو. گيان سان ڇا ٿو پراپت ٿئي؟"

ڀڳوان ڏتاتريه: هي اڳراڄ! يوگي هڪ شرير کي تياڳي ٻئي شرير ۾ پرويش ڪري ٿو ۽ ڪشٽ ڀوڳي ٿو. گياني ان ئي شرير ۾ سک سان رهندي پرما کان وٺي ڪوليءَ تائين کي پنهنجو سروپ مڃي پنهنجي پورڻتا ۾ مست رهي ٿو. هو هڪ ئي وقت سڀني جو ڀوڳتا آهي، ساري جهان تي آگيا هلائڻ وارو ٻڌجي ٿو سروروپ به پاڻ ئي ٻڌجي ٿو ۽ سڀني کان پري به پاڻ ئي آهي. هو سرو شڪتيمان هوندو آهي ۽ سرو-اشڪتي روپ به پاڻ ئي آهي. سڀ وهنوار ڪندي به پاڻ کي اڪرتا ڄاڻي ٿو.

ساڪيات اڳروڪيه: آنڌ ڀوڳ پراپت گياني جنهن اوستا کي پراپت ڪري ٿو ان اوستا کي وردان ۽ شراپ شڪتي پراپت يوگي سپني ۾ به پراپت نٿو ڪري."

ڪمار "يوگ ٻل سان چاهيان ته آڪاش ۾ اڏامي سگهان ٿو."

ڏتاتري: "پکي به آڪاش ۾ اڏامندا رهندا آهن، ان ۾ انهن جي ڪهڙي سڌي آهي؟"

راجا: ”هي دتاتريا! اهڙي پنهنجي سوروپ کي پائڻ جي چاهنا هجي ته ڪيئن پائجي؟“

دتاتريا: ”پهريائين نشڪام ڪرمن سان پنهنجي انتهڪرڻ جي شد ڪر. پوءِ ساڪار يا نرڪار اُپاسنا وغيره ڪري چت جي چنچلتا کي هٽاءِ. وئراڳ وغيره ساڌنن سان سمپن ٿي شاسترن انوسار ستگرن جي شرڻ ۾ وڃ. انهن جي اُپديش انوسار پنهنجي آتم کي برهم روپ ۽ برهم کي پنهنجو کي آتم روپ ڄاڻ. ساکيات اپروکيه آتم گيان پراپت ٿيءُ.

هي راجن پنهنجي سوروپ کي پراپت ڪرڻ لاءِ پنهنجو ديهه اڀمان ٿي آورڻ آهي. جيئن سوريه جي درشن ۾ بادل ٿي آورڻ آهن. جاگرت سپنو ۽ سشوپت ۾ زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل ۾ من - واڻي سهت جيترو پرپنچ آهي اهو سڀ اُن چيتن سوروپ جو ٿي درشيه آهي. تون اُنهن جو درشڪ آهين اُن پرپنچ جو پرڪاشڪ چيتن ديو آهين.“

ڪمل: آتما جو ساڪياتڪ اپروڪش گيان روپي يوگ سڀني پدارٿن جي ڄاڻ روپ يوگ لاءِ وجهي ٿو. ڪيول ڪرپا روپ يوگ دوارا سڀني پدارٿن کي ڪونه ڄاتو ويندو آهي، ڇو جو اڌيشٺان جي گيان دوارا ئي سڀني ڪلپت پدارٿن جي ڄاڻ ٿيندي آهي.

آتم اڌيشٺان ۾ يوگ. باقي ڪلپت آهي. ڪلپت جي گيان سان ٻين ڪلپت پدارٿن جو گيان ڪونه ٿيندو آهي. اڌيشٺان جي گيان دوارا ئي ڪلپت جو گيان ٿيندو آهي. سپني جي پدارٿن جي گيان دوارا ٻين سپني جي پدارٿن جي ڄاڻ ڪونه ٿيندي آهي پر سپني جي درشٽا جي گيان سان ئي سڀني سپني پدارٿن جي ڄاڻ ٿيندي آهي.

ٿڪري ڀاڻ کي هن سنسار روپي سپني جو درشٽا سمجهو."

سنت پڇيو، "تون ڪير آهين؟"

دتاتريه: "توهانجي ڏيان اڏيان جو، توهانجي سڌي اسڌيءَ جو مان درشٽا آهيان."

سنت: "لوڪي ڀسم ڪرڻ گهرجي."

دتا: "ڀرئين توهان پنهنجي اهنڪار کي ڀسم ڪريو جو جيڪو توهانجو شترو آهي. مونکي ڀسم ڪري ڇا ڪندا؟ هي سنت! مان چيتن توهانجو آتما آهيان. پنهنجي آتما کي ڪيئن ڀسم ڪندا؟"

ٿي ڳالهه هئي هردي جو Volve ٻاڌلو ٿيندو. پرديش
مان اهو Volve گهرائي هردي جو آپريشن ڪري ان
۾ قيمت ڪرڻو ٿيندو. ان لاءِ ۱۵ کان ۲۰ هزارن جي اندر
خرچ ٿيندو ۽ سڦلتا لاءِ ڪا گئرنٽي نه.

اٿين مان موت جي در تي بيٺو هوس ڏاڪڻ جا
ڏاڪا چڙهڻ لاءِ ڊاڪٽرن جي منع هئي، ڇـو جـو
ٿوري به سهڪي جي وڌي وڃڻ تي دل ٽٽي پوڻ جو
امڪان آهي.

ان حالت ۾ مان ۱۹۸۱ ۾ پوڄيه سائين جن وٽ آيس
موت کان پهرئين نام دان ملڻ جو سؤڀاڳيه ملي ويو.
مون سائين جن کي پرارٿنا ڪئي. ۱۹۸۱ع جي گـروءَ
پونم جي ڏينهن مهنجي نئين جيون سوريه - اُديه ٿيو.
روڳ جي آخرين اسٽيج تي پهتل جيون مٿان سائين جن
دواران نامدان امرت جي ورکا ٿـي. اندر ۾ هڪ
پرم آنند جي لهر اٿڻ تي رڳ - رڳ ۾ ڇانئجي وئي.
مون پورڻ ترپتي جو انڀو ڪيو... شانتي ٿـي. هاڻي
هن پل ٿي پلي موت موٽڪي پنهنجو شڪار ڇڏائي ڪا
چنتا ڪانهي. اهڙي پرم سنتوش جو احساس ٿيو.

پر... ڏسو ته سهين ميرام (منُ) جا نخرا؟ من ڇوڙ
لڳو، سائين جن جي هدايت مطابق صبح جـو ڌيان
ڪندين، ٻگها ساه کڻي هري اوم..." جو جپ ڪندين
ته هڪ دفعي ٿي ڇوڙ سان ڪيل ختم. ڇاڪاڻ جـو

شڪتي پات دوران نئون جيون مليو

ستگرديو پوڄ پوڄيه آشارام صاحب جن جي ڪرپا پرساد روپي ڏويه درشٽي پهرئون دفعو هن سوبر تي پيئي ۽ جڏهن نام دان مليو. هن اڪشوءَ جي جهولي گروءَ منتر جي مهادان دوران اڪشيه پاتر ۾ بدلجي. ان وقت عيسوي سن ۱۹۸۱ ۾ هـــي سرير گهڻن روڳن ۾ مبتلا هو.

مون کي ننڊ نه اچڻ جو روڳ هو. ڪڏهن ته نموني ننڊ نه ايندي هئي. ننڊ جي گورين جـــو استعمال خوب وڌي چڪو هو. ۲۲ - ۲۵ ڏينهن ڪانپوءِ سرير بيهوش ٿي ڪري پوندو هو اهو ٿي منهنجي لاءِ ننڊ جو آرام جو وقت هوندو هو. ننڊ آڻڻ لاءِ دنيا ڀـــر جي مشهور نشن ڀڪت پدارٿن جو استعمال پڻ ڪندو هـوس. سرير ۾ گهٽ انداز ۾ ۽ وڌيڪ انداز ۾ اهـــو زهر ويندو هو. ڦل سوروپ جيرو ۽ دماغ ڪمزور ٿي ويا هردو بلڪل خـراب ٿي چڪو هو ڏبري — دبري هردي جو هڪ Volve ويڪرو ٿي ويو هو.

احمدآباد جا سڀ هارٽ اسپيشلسٽ جـــي هڪ

واهه واهه! سرير جا تمام روڳ هلي ويا. هاڻي تنهن ۾ ڪو روڳ ڪونهي. دل جو Volve وڏارو ڪيئن بلڪل سڌو ٿي ويو! ڪا ڄاڻ نه پئي.

اڄ جيون ساڌن - پٿن جي مارڳ تي خوب مستيءَ ۾ گذري رهيو آهي. ٻه ڏاڪا نه چڙهي سگهڻ واري ڪي هماليه جي چوٽين تي چڙهي وڃڻ جي شڪتي بخشيندڙ مهنجي پياري گروءَ ڪي هن سرير جي چمڙيءَ جا جوراب ٺاهي پهريان ته به انهن جي اپڪار جي هڪ ڪڻ جو ڪروڙهون حصو به نه چڪائي سگهان.

اهڙن مهان گرن جي چرنن ۾ ڪروڙين - ڪروڙين ساشٽانگ ڏنڊوت پرڻام... جن مهان جيون جو دان ڪيو، جيون جيئڻ جي ڪلا سيکاري اهڙن ساڪيات پرماتما جي چرنن ۾ ڪوٽي - ڪوٽي پرڻام... ڪوٽي - ڪوٽي جنمن جا پڄ - پشپ انهن چرنن ۾ سمرپڻ ٿين...

هڪ هفتو آشرم جي موڻ منڊر ۾ رهي ساڌنا ڪندي مونکي ڌيان جا گهرا انڀو ٿيا ۽ تمام گهڻو آڌياتمڪ لاڀ ٿيو.

ڀرت ڪمار چنالعل

◁▷

دل خلاص ٿي چڪي هئي. ساهه جي گتي ذري بــ وڌي ته دل ٽٽي پوندي.

رات جو سمهڻ وقت روئي پيس. ان رات مونکي مٺي ننڊ اچي وئي. منهنجي ڪروٽانديءَ، ڪرپالو منهنجي سائين درشن ڏئي چيو:

”يا تو رام کا نام ليتي - ليتي مرو اٿوا دوا کاتي کاتي مرو. سب کو ايک بار مرنا تو هئه. کس ڍنگ سي مرنا هئه وه بتا ديا. اب راستا تمهين پسند کرنا هئه. يا تو دوا کائو يا تو آنند ۾ ڏوب جائو.“

ٻئي ڏينهن صبح جو اٿيس ڏاڍو عجب ۾ پئجي ويس اڙي! ڪلهه رات مونکي اٺين ٿي ننڊ اچـــي وئي.....! اهڙي گهري ننڊ... ننڊرا ديويءَ جـــو ڪوپ شانت ٿي ويو؟ ڪمال آهي...!

مونکي اهو سپنو ياد اچي ويو ۽ ٻوجهه سائين جن جي آسري مون ڇلانگ ماري. اونهو ساهه کڻيو، ”هري اوم......“ جو لمبو جپ ڪري گهري ڌيان ۾ ڪـــوهجي ويس. ان ڏينهن کان وٺي منهنجو نصيب بدلجيو... موت جو موت ٿي ويو... هردي جو روڳ ٻڏي ويو ۽ سائين جن جـــي رحمت جا ڳڻ ڳائيندي تازو توانو توهان جي سامهون حاضر آهيان. ڏاڪڻ جا ٻه ڏاڪا چڙهڻ لاءِ مدع هئي. هاڻي ڇتو، ٻکي هماليه جي چوٽين تي چڙهي وڃان.

پرارٿنا

هي منهنجا پرڀو...!

تون ڏيا ڪجانءِ...! منهنجو من منهنجو چت... توهان ۾ ئي لڳو رهي...

اڃا... مان ڪيستائين سنساري بوجا ڍوئيندو رهندس...؟ منهنجو من هاڻي تنهنجي رستي لڳي ٽڪري وڪڙ وڌائي... آهڙو سٺو موقعو پراپت ڪراءِ منهنجا مالڪ!


هي منهنجا ستگر...! هاڻي... مون تي ذرا ڪرپا درشٽي ڪريو... ورسندڙ توهانجي امرت ورکا جو مان ٻه پان ڪيان... منهنجو من مور هڪ آتما ڪانسواءِ ڪنهنجا گيت نه ڳائي... هي گروا هاڻي... سڀ ڇڏي پنهنجي آتما ۾ ئي ٽڪي هٽان اهڙي همت ڏجانءِ... هي منهنجا مالڪ اڃا ڪيستائين... مان ڀٽڪندو رهندس...؟ ۽ منهنجي سڄي عمر اجائي وڃي رهي آهي... ڪجهه نه رحمت ڪرجو هاڻي هاڻي توهانجي چرڻن جو پريمي اٿي... مان آتمانند جي ۾... ها... سا... گر... ۾ ٽڪي لڳايان.

آخر هي سڀ... ڪيستائين؟ منهنجو جيون پرماتما پراپتيءَ لاءِ آهي اهو مان ڇو نه ڀلجهين وڃان؟

مونکي... هاڻي... توهانجي لاءِ ئي پياس رهي پرڀو...!

اب پريو ڪرپا ڪرو ايهين پانتي،

سب تجي ڀجن ڪرون دن راتي



ويراڳ ڇو؟

آتم ساڪياتڪار يا پرم ساڪياتڪار لاءِ ويراڳ کي ايترو زور ڇو ٿو ڏنو وڃي؟

اَنت اَڪٿ وستوءَ جو ساڪياتڪار ڪرڻو آهي ته پهرين وستوءَ مان ورتيءَ کي هٽائڻو پوندو. ورتيءَ کي جيڪڏهن نه هٽايو ويندو ته هڪ - هڪ وستوءَ پٺيان ساري ٻُڌي ڦهلجي ويندي. اها ٻُڌي اَنت جو گيان پائڻ لاءِ اَسمرٿ رهندي، تنهن ڪري وويڪ ويراڳ جي ضرورت آهي.

— پرم پوجيه سنت شري آشارام صاحب